اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ۱۷۱)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي سلسلو_14

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**
**پروفيسر سيد عباد الله راشدي**

**چيف ايڊيٽر**
محمد سليمان طاهر انڊڙ

**ايڊيٽر**
نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي
نديم احمد سولنگي

صفر المظفر ۱۴۳۲ هه مطابق جنوری 2010ع

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول صلي الله عليہ وسلم | ادارو | 3 |
| تعليمات امام، شاهه ولي الله رحمتہ الله عليہ | ادارو | 4 |
| اسماءُ الله الحسنيٰ | حضرت پير روضي ڌڻي | 5 |
| مايوس نہ ٿيو، جدوجهد جاري رکو! | چيف ايڊيٽر | 6 |
| توحيد جي مسئلي تي فلسفيانہ بحث | مولانا عبيدالله سنڌي | 9 |
| ذي القربيٰ جا حق | مولانا محمد انس راڄپر | 18 |
| پنهنجو پاڻ سڃاڻو | نور احمد ميمڻ | 23 |
| رحمة اللعالمين جي مثالي زندگي ۽ سندن تعليم | مولانا عبداللطيف نانگراج | 24 |
| انسان جي تلاش | نثار احمد پناڻ | 27 |
| دنيا ۽ آخرت جو اسلامي نظريو | احمد الدين شر بلوچ | 28 |
| حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جو سرگرميون | احمد الدين شر بلوچ | 32 |

سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس
**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ**
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوکي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030
فون: 021-35000478، اي ميل: hikmatequran@gmail.com

**الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.**

**قيمت =/15 رپيا. سالياني ميمبر شپ پوسٽ خرچ سميت =/200**



# حڪمتِ قرآن

وَمَا أَنْتُمْ بِمُعْجِزِينَ فِي الْأَرْضِ وَمَا لَكُمْ مِنْ دُونِ اللّٰهِ مِنْ وَلِيٍّ وَلَا نَصِيرٍ ﴿الشورى: ۳۱﴾

”توهان الله تعاليٰ کي زمين ۾، نہ ئي آسمان ۾ عاجز ۽ بي وس ڪري سگهو ٿا. الله تعاليٰ کان سواءِ اوهان جو ڪوبہ ساٿي ۽ مددگار ڪونهي.“

الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ انسان جيڪڏهن اهو سمجهي ٿو تہ هو پنهنجي عملن ۾ الله کي دوکو ڏيئي سگهي ٿو يا ان کان بچي ڪري ڪنهن هنڌ پناهہ واري جاءِ حاصل ڪري سگهي ٿو تہ اها ان جي خام خيالي آهي. سموري ڪائنات هن لاءِ ناقابل عبور آهي. هي ڪائنات خدا جي قبضي ۽ قدرت ۾ آهي، هرشيءِ ان جي ڄاڻ ۾ آهي. هن جا حڪم هر وقت جاري ۽ ساري آهن. هن جي ڪائنات ۾ سوچڻ گهري تہ ڪنهن بہ گهرائي ۾ نٿو پهچي سگهي. اڄ تائين ڪو هڪ پاسو بہ ان تي ظاهر نہ ٿي سگهيو آهي. جيڪي شخص خدا جي ملاقات ۽ ان جي حضور ۾ پهچڻ جا منڪر آهن، اهي سمجهن ٿا تہ خدا انهن تي قدرت نٿو رکي يا خدا انهن کان سندن عملن بابت احتساب نہ ٿو ڪري سگهي تہ اها انهن جي حماقت واري سوچ آهي. انهن کي خدا جي رحمت کان مايوسي آهي ۽ هو ان جي عذاب لاءِ پاڻ کي تياري ڪري رهيا آهن. انهن جي دلين تي محرومي جي مهر لڳي چڪي آهي. انهن کان عقل ۽ شعور جي نعمت کسجي چڪي آهي. هو پنهنجن سڌن ۽ خواهشن کي دانائي ۽ ڏاهپ قرار ڏيئي رهيا آهن. اڄوڪو انسان خلا جا چڪر لڳائي سمجهي ٿو تہ شايد هو ڪائنات تي غلبو حاصل ڪري ويندو. تہ اها ان جي جاهلانہ سوچ آهي. انسان جڏهن فطرت جي اصولن کان منهن موڙي ٿو تہ هن کي ذهني پريشانيون اهڙي طرح ويڙهي وڃن ٿيون، جو هو خوفناڪ حد تائين زندگي کان ئي مايوس ٿي وڃي ٿو ۽ پنهن جو پاڻ کي مارڻ جي عمل مان گذرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. انسان لاءِ الله کان پڄڻ جو ڪوبہ رستو موجود نہ آهي. هن دنيا ۾ بہ ڪيس امن ۽ سڪون ڪونہ ملندو ۽ آخرت ۾ بہ ان جي مدد ۽ پناهہ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ مددگار نہ هوندو. انسان کي گهرجي تہ فريب ڪارين جي پٺيان لڳڻ جي بجاءِ حقيقتن کي پروڙي، انهن کي تسليم ڪري ۽ پنهنجي حياتي گذارڻ لاءِ الله تعاليٰ جي معرفت، محبت ۽ عبادت واري شاهراهہ تي ثابت قدم ٿي وڃي ۽ پاڻ کي هميشہ لاءِ خدا سان مربوط ڪري ڇڏي. انسان لاءِ هي بہ فريب ڪاري آهي تہ هو خدا تعاليٰ جي موڪليل هدايت قرآن حڪيم جي چٽن ۽ واضح حڪمن کي ڇڏي پنهنجي نفس کي وٽندڙ، سولي ۽ سهنجي مذهبيت اختيار ڪري ۽ ڪنهن مذهبي ڏر يا بزرگ جي وابستگي ڪي ۽ ان جي طريقن کي مددگار ۽ ولي سمجهي يا مڪمل دين سمجهي پاڻ کي مومن ۽ ديندار هجڻ جو گمان رکندو وتي. قرآن انسان کان اسلام ۾ مڪمل داخل ٿيڻ ۽ خدا سان مڪمل اطاعت جو رشتو ڳنڍڻ جو حڪم ڏئي ٿو. انهيءَ ڪري سولي ۽ سهنجي دينداري جي چڪر ۾ انسان پاڻ کي فريبڪاريءَ کان بچائي، انهيءَ جي صورت رڳو هيءَ آهي تہ هو خدا تعاليٰ جي دوستي ۽ مددگاريءَ کانسواءِ ٻين رستن ڏانهن پٺڪڻ کي ڇڏي ڏئي.

**قرآن جي اصولن تي هن دنيا ۾ نج انسانيت جو قيام اصل عقيدو آهي. نج ۽ خالص انسانيت ئي 'فطرت الله' جي سنڀاليندڙ آهي ۽ سچو دين جيڪڏهن آهي تہ اِهو ئي آهي.**
**(امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي)**

# حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ مَا بَالُ الْاَقْوَامِ لَا يُفَقِّهُوْنَ جِيْرَانَهُمْ وَلَا يُعَلِّمُوْنَهُمْ وَلَا يَعِظُوْنَهُمْ وَلَا يَاْمُرُوْنَهُمْ وَلَا يَنْهَوْنَهُمْ الخ (البخاری فی الوحدان—ابن راهوبه)

”حضور ڪريم ﷺ جن هڪ دفعي خطاب ڪندي فرمايو تہ انهن قومن جي ماڻهن جو ڇا حال آهي تہ هي ماڻهو جن کي علم ۽ شعور سان سينگاريو ويو آهي ۽ انهن جي پاڙي ۾ ڪجھ بي سمجھي ۽ اڻ پڙهيل ماڻهو رهن ٿا. پوءِ هي ماڻهو انهن پاڙيسرين کي دين سيکارڻ ۽ ان جي سمجھ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش نٿا ڪن؟ انهن کي وعظ ۽ نصيحت بہ نٿا ڪن، انهن کي چڱن ڳالهين جي تلقين ۽ غلط ڪمن ڪرڻ کان بہ نٿا روڪين. انهن ماڻهن جو اهو حال ڇو آهي تہ هو پاڻ اڳتي وڌي پنهنجن پاڙيسرين کان علم، شعور، دين جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڳڻ نٿا ڪن ۽ نہ وري انهن کان نصيحت حاصل ڪرڻ جو فڪر ڪن ٿا. . . . اهي ماڻهو جيڪڏهن پنهنجو فرض پورو نہ ڪندا، انسانن ۽ خاص طرح پاڙي وارن جو حق ادا نہ ڪندا، انهن جي اصلاح جي ڳڻتي نہ ڪندا، تہ پوءِ اهي سيئي پنهنجي فرض جي ادا نہ ڪرڻ جا ڏوهاري ٿيندا. پوءِ انهن کي دنيا ۾ ئي سخت سزا جو مستحق ٺيٽو پوندو“

حضور ڪريم ﷺ جن هن خطاب ۾ حضرت ابو موسيٰ اشعري ۽ ابو مالڪ اشعري جي قوم اشعرين ڏانهن اشارو ڪيو آهي. هن قوم ۾ عام ماڻهو بہ دين جي علم ۽ شعور کان واقف هئا. پر هنن جي علائقي ۽ پاڙي ۾ ڪي اهڙا ماڻهو بہ آباد هئا، جن کي تعليم ۽ تربيت مليل نہ هئي، نہ وري انهن ۾ طلب ۽ ڳڻتي هئي. ان ڪري اهي ٻئي ڌريون ڏوهاري هيون. حضرت رسول اڪرم ﷺ جن پنهنجن ڪريمانہ عادت موجب انهن ڌرين جو نالو ڪڻڻ جي بجاءِ قوم جو لفظ استعمال ڪري هدايت ڪئي. اهڙي هدايت کان پوءِ جڏهن اشعري قوم کي خبر پئي تہ سرڪار رسالت ماب ﷺ جن جو اسان ڏانهن اشارو هيو تہ هو وفد وٺي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ وچن ڪيائون تہ اسان هڪ سال جي اندر اندر انهن آبادين ۽ پاڙيسرين کي دين جي تعليم ۽ شعور کان واقف ڪري ڇڏينداسون. هن حديث مان اها حڪمت ملي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن هر علائقي جي ماڻهن تي اها ذميواري عائد ڪئي آهي تہ هو پنهنجي پرپاسي ۾ لازمي طور دين جو پيغام پهچائين ۽ کين توحيد جو سبق سيکارين. هي امت مسلمہ جيڪڏهن دعوت ۽ علم جي تحريڪ کي ائين جيئرو رکيون اچن ها ۽ انسانن جي اصلاح جو فڪر هر وقت کين دامن گير هجي ها تہ اڄ هي امت جهالت ۽ اڻ ڄاڻائپ جي انڌيرن ۾ هرگز مبتلا نہ ٿئي ها. دين جي پردي ۾ بدعتون، رسمون رواج ۽ اجايون سجايون ڳالهيون جيڪر هن امت ۾ پيدا نہ ٿين ها. اها اسان جي گڏيل ڪوتاهي ۽ فرض جي نا ادائگي آهي جنهن اسان جو هي حشر ڪيو آهي.

> اي دنيوي! سزائن تي غور ڪرڻ وارا بادشاهہ! تون جيڪي ڪجھ ڪرڻ وارو آهين سو ڪر، تون صرف دنيا جي هن زندگي ۽ گوشت ۽ خون جي جسم تي حڪم هلائي سگهين ٿو تہ هلائي ڏس! اسان پنهنجي پالڻهار تي ايمان آندو آهي تہ جيئن اسان جون خطائون معاف ڪري. تنهنجون دنيوي سزائون اسان کي هن جي واٽ کان روڪي نٿيون سگهن.“ (سوره طٰهٰ: ٧٢، ٧٣)



# تعليمات امام شاهہ ولي الله رحمه الله

## حقيقت هڪ آهي

ارتفاقات (اجتماعي ادارا ۽ نفعہ بخش انتظامات) ۽ اقترابات (خدا تائين رسائي حاصل ڪرڻ جا طريقا) جي اصل حقيقت کي انهن جي بيان ڪيل شڪلن ۾ بند نہ ڪرڻ گهرجي. ڇو تہ حق هڪ آهي تہ جيسيتائين اصل حقيقت جو تعلق آهي، ان ۾ ڪنهن جو بہ اختلاف نہ آهي. ڪا ملت، ڪوئي مذهبي گروهہ اهڙو نہ آهي جيڪو اصل حقيقت جو مڃيندڙ نہ هجي.

نزاع ۽ جهڳڙو اصل حقيقت جي مختلف شڪلن ۾ پيش ڪرڻ سان ئي پيدا ٿيندو آهي. مولانا عبيد الله سنڌي رحہ فرمائن ٿا: ”ان مان صاف ظاهر آهي تہ امام وليُ الله جي تصنيفن ۽ ڪتابن ۾ جيڪي قواعد ڪليہ (اصلي ۽ بنيادي ڳالهيون) بيان ڪيا ويا آهن، اهي ئي حقيقت ۾ سندن فڪر ۽ نظريي جو بنياد آهن ۽ پوري انسانيت کي انهن اصولن تي گڏ رهڻ جو چيو ويو آهي. باقي جيڪي جزئيات (فروعي مسئلا) ۽ شرعي مسائل بيان ڪيا ويا آهن، اهي انهن اصولن کي سمجهائڻ لاءِ مثال طور پيش ڪيا ويا آهن. تنهن ڪري اصولن ۽ قاعدن کي مثالن ۾ محدود نہ ڪرڻ گهرجي.

شاهہ صاحب رحہ انهن عالمگير اصولن تي (جيڪي انسانيت جي فطري تعليم آهي) دنيا جي سڀني قومن کي وحدت جي نقطي تي قائم ٿيڻ جي دعوت ڏين ٿا ۽ حقيقت ۾ قرآن ۾ اهڙي اجتماعي انسانيت جي اصولن کي صحيح طريقي سان محفوظ ڪيو ويو آهي. ماڻهن جي غلط فهمي ۽ اوپرائپ ختم ڪرڻ لاءِ مولانا محمد اسماعيل شهيد جي ڪتاب ”العبقات“ جون ڪجھ سٽون پيش ڪريون ٿا.

مولانا شهيد مقربين جي وهبي ڪمالات جو ذڪر ڪندي حڪيم ۽ صديق جي حق ۾ لکن ٿا: ”جيڪڏهن ان (حڪيم ۽ صديق) کي جج مقرر ڪيو وڃي تہ اهو تورات جي پيروڪارن لاءِ تورات جي مطابق فيصلو ڪندو، انجيل جي مڃيندڙن لاءِ انجيل جي مطابق فيصلو ڪندو ۽ قرآن تي ايمان آڻيندڙن جي لاءِ قرآن جي مطابق فيصلو ڪندو. ڳالهہ هيءَ آهي تہ هر اهڙو مذهب جنهن تي عقلمندن ۽ ڏاهن جي هڪ وڏي جماعت متفق هجي ۽ خاص طور تي انهن ۾ اهڙا انسان موجود هجن جن جو غيب سان ڳانڍاپو آهي. جيئن عيسائي راهب، يهودي، يوناني، فلسفہءِ اشراق جا مڃيندڙ ۽ ايراني جيڪي حق ۽ باطل جو تصور رکن ٿا ۽ هندستان جا جوڳي، اهڙي مذهب جي ”حظيرة القدس“ ۾ پنهنجي مخصوص ۽ پائيدار جاءِ هوندي آهي. ان جو مرڪز اهو مٿيون سرچشمو هوندو آهي. اصل ۾ اهو پروگرام منڍ ۾ صاف ۽ شفاف صورت ۾ ڪنهن قوم کي ملندو آهي. پر اڳتي هلي پوءِ ان ۾ غلط رسمون، خيالي تصور ۽ بي تڪيون ڳالهيون ان مذهب جو جز بڻجي وينديون آهن. نفس پرست ماڻهو غلط تفسير و تعبير سان حقيقتن تي پردو وجهندا آهن. پوءِ ائين حقيقي پروگرام مصنوعي رسمون اختيار ڪري ڇڏيندو آهي. بي روح رسمون حقيقت بڻجي ويندون آهن. پوءِ ائين ئي پهرين پيغمبرن ۽ حڪيمن جي تعليمات کي مسخ ڪري انهن ۾ تحريف ڪئي ويندي آهي. اصل معنيٰ جي جاءِ تي پنهنجي ذاتي اغراضن لاءِ مفيد معنائون ورتيون وينديون آهن. پوءِ حڪيم ۽ باڪمال شخصيت جي اها ذميواري آهي تہ اهو خرافات ۽ لايعني ڳالهين جي اونداهين مان حق جي روشني کي حاصل ڪري، صورتن ۽ شڪلين جي اندران حقيقي روح کي واڪو ڪري. اختلافن کي ختم ڪري اتحاد جي فضا کي قائم ڪري ۽ يقيناً اهڙي حڪيم کي ”حظيرة القدس“ مان مدد ۽ معاونت ملندي آهي.“

(شاهہ وليُ الله اور اس کي سياسي تحريڪ تان ورتل)

## اسماءُ الله الحسنيٰ: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

# الغفار

الغفار: يعني ٻانهن جا گناهه بخشيندڙ. ”غفار“ مبالغي جو صيغو آهي ۽ ”غافر“ کان ورتل آهي. ”غفور“ بہ اسم مبالغو آهي، پر ”غفار“ ۾ ان کان وڌيڪ مبالغو (معنيٰ جي گهٽائي) آهي. (غفور جو بحث پنهنجي جاءِ تي ايندو) هن اسم مبارڪ جي معنيٰ آهي دنيا ۽ آخرت ۾ گناهه ڍڪيندڙ، ڪوجهين ۽ بُرين شين تي پردو رکندڙ، ۽ چڱايون ظاهر ڪندڙ. پوءِ جيئن تہ سمورا گناهه بُرا آهن، ان ڪري الله تعاليٰ ٻانهي جي سمورن گناهن جي پردي پوشي ڪري ٿو. ڏسو! ان ڍڪٿهار اسان جي ظاهري جسم جون بريون شيون لڪايون آهن، جيڪي ڏسڻ ۾ ڪيڏيون خراب ٿيون لڳن. مثال طور جيڪي ڪجهه اسان جي پيٽ ۾ آهي، ان کي ظاهري حسن ۽ جمال سان (ماڻهن جي نگاهه کان) لڪايو اٿس. ائين ئي اسان جي دل ۾ جيڪي برا بُڇڙا خيال ۽ ارادا اچن ٿا، سي پڻ خلق جي علم کان لڪائي ڇڏيا اٿس. جيڪڏهن انهن کي ظاهر ڪري وجهي، تہ هوند ماڻهوءَ کي دنيا ۾ تمام گهڻي شرمندگي ٿئي.

هن اسم شريف سان تعلق (نسبت جوڙڻ) جي صورت ائين پيدا ٿيندي، تہ جڏهن ٻانهو اهو ڄاڻي تہ الله ”غفار الذنوب“ (گناهه ڍڪيندڙ) آهي، تہ پوءِ ڪيس ان جي رحمت ۽ مغفرت مان نااميد ٿيڻ نہ کپي ۽ هو ڪنهن بہ گنهگار کي نہ ڌڪاري. ڪيس جڏهن اهو يقين آهي تہ خدا تعاليٰ ”ستار العيوب“ عيب ڍڪيندڙ آهي، تہ پوءِ ان جي نعمت جو شڪرانو بجا آڻي ۽ ان کان غافل نہ ٿئي. ڪنهن ڳالهہ تي بہ وڏائي نہ ڪري ۽ توبهہ کي نہ وساري، بلڪ ان عمل ۾ ڪيس دير ڪرڻ نہ جڳائي، ڇو تہ زندگيءَ تي ڪو بہ ڀروسو نہ آهي.

هن اسم سان تخلق جي واٽ هيءَ آهي، تہ ماڻهن جا ڏوهہ معاف ڪري ۽ انهن جا عيب ڍڪي.

عبدالغفار: غفار جو ٻانهو اهو آهي، جيڪو هر اهڙي ماڻهوءَ کي بخشي ڇڏي، جنهن هن جو ڪوبہ گناهه ڪيو هجي، ٻئي جا عيب ائين لڪائي، جيئن پنهنجا عيب لڪائبا آهن. ڇو تہ جڏهن سندس ڏوهہ، گناهه باري تعاليٰ بخشيا ۽ ڍڪيا آهن ۽ پنهنجي غفاريت واري تجليءَ سان ڪيس معافي ڏني آهي، تہ هو پاڻ بہ الله تعاليٰ جي ٻانهن سان اهڙوئي ورتاءُ ڪندو، جيڪو هن سان الله تعاليٰ ڪيو آهي.



ايڊيٽوريل/چيف ايڊيٽر

## مايوس نہ ٿيو، جدوجهد جاري رکو!

پاڪستان ۾ رهندڙ مسلمانن جي بدبختي ۽ بدقسمتي ان ڏينهن شروع ٿي وئي هئي جڏهن هن ملڪ تي پهرين ڏينهن، يعني ملڪ ۾ وجود ۾ اچڻ سان ئي هن تي سامراج جا لڪايل پڙهايل، سامراجي گماشتا، سامراجي مقصدن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڇائنجي ويا. نظرياتي رياست جو قيام تہ انهن دوکيبازن جو فقط نعرو هيو يا ڪم عقل ۽ اڀوجهہ مسلمانن جو ويساهہ.

هندن سان اسان جو نظرياتي اختلاف آهي، انهن جي مذهب، روايتن ۽ ڪلچر ۾ اسان هنن کان جدا آهيون، پر سياسي طرح ورهاڱي وقت هو اسان کان پختا هئا. هو پنهنجي ڌرم ۽ قوم سان سچا هئا. هنن کي جڏهن آزادي ملي تہ هنن هڪ سال ۾ ملڪ جو دستور ٺاهي ورتو. پوءِ جلد ئي عام چونڊون بالغ راءِ دهي جي اصول تي ڪرائي ڇڏيون. هنن جاگيردارانہ نظام ختم ڪري ڇڏيو. سيئي جاگيرون بحق سرڪار ڪسي ورتيون. هنن آمريڪا سان ناتو ڪونہ جوڙيو. پنهنجي پيرن تي بيهي ايٽمي قوت ٺڄي ويا. گذريل سٺ سالن کان وڌيڪ عرصي گذرڻ بعد بہ هنن جي ملڪ ۾ ڪڏهن بہ مارشل لا جو نفاذ نہ ٿيو آهي. هڪ ڏينهن بہ فوجي حڪومت نہ رهي آهي. اتي جي فوجي جنرلن جي دماغ ۾ اهو ڪڏهن خناس پيدا ئي نہ ٿيو آهي تہ هو سياستدانن کي هٽائي خود حڪومت تي قبضو ڪن. انهن مثبت سياسي گڻن سبب اڄ ڀارت دنيا ۾ وڏو جمهوري ملڪ آهي. دنيا ۾ ان جي قدرداني ٿي رهي آهي ۽ سلامتي ڪائونسل جي مستقل ميمبر ٿيڻ لاءِ وڪ وڌائي رهيو آهي. عالمي سامراجي وڇايل بساط سبب هن خطي ۾ مسلمانن جي تباهي ۽ قتل عام جي جيڪا راند ڪيڏي پئي وڃي، ان ۾ هندستان کي پاڪستان جي انتقام ۽ ساڙ سبب ڪشمير ۾ جبر، تشدد ۽ قتل و غارتگري، بابري مسجد جي شهادت، گجرات ۽ بمبئي ۾ مسلمانن جي لٽ ڦر وغيره ۾ ڌڪيو ويو آهي.

پر اسان پاڪستان جي مسلمانن کي ڇا ٿي ويو آهي جو اسين سڌرڻ ۽ سنورجڻ ڏانهن وک ئي نٿا کڻون؟

اسان 1973ع تائين (يعني پاڪستان ٺهڻ کان 26 سالن تائين) ڇو ملڪ جو دستور ٺاهڻ ۾ ناڪام ٿيا سون. 1956ع جو دستور بہ صرف ٻہ سال نافذ رهيو. پوءِ جنرل ايوب خان 1958ع ۾ مارشل لا نافذ ڪري ان کي منسوخ ڪري ڇڏيو. جنرل ايوب خان 1962ع ۾ هڪ غير جمهوري دستور ڏنو جنهن ۾ عام چونڊون بنيادي جمهوريت جي ڪائونسلرن ذريعي ڪرايون ويون ۽ آمريت ملڪ ۾ ڏهہ سال لاڳيتو رهي. ايوب خان جي دستور کي 1969ع ۾ جنرل يحيٰ خان منسوخ ڪري ڇڏيو. پوءِ هن جي ذاتي ڏنل فريم ورڪ جي بنياد تي پهريون ڀيرو 23 سالن کان پوءِ عام چونڊون ٿيون.

- اسان انگريز جي سامراجي نظام کي ڇو هو بهو برقرار رکيو؟
- نئين اسلامي ملڪ جي فوج جي جوڙجڪ ڏهن سالن تائين هڪ انگريز جنرل جي نگرانيءَ ۾ ڇو ڪئي وئي؟
- اسان سامراج جي تعليمي نظام، مالياتي نظام، عدالتي نظام کي ڇو تبديل نہ ڪيو؟

- اسان جا سياستدان لياقت علي خان کان فيروز خان نون تائين ۽ جنرل ضيا کان وٺي جنرل مشرف تائين وٺي ڇو آمريڪي ايجنٽ بڻجي ملڪ کي مغرب جي هڪ ڪالوني بڻجڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو؟
- اسان جي سيڪيولر توڙي ديندار سياستدانن، فوجي جنرلن جي ڊڪٽيٽر حڪومت ۾ ڇو ساٿ ڏنو؟
- ملڪ جي باني جماعت ”مسلم ليگ“ کي ڇو هر فوجي ڊڪٽيٽر کي ٻانهي بڻائي ڏني وئي.؟
- ايوب خان ڇو مشرقي پاڪستان کي الڳ ڪرڻ جو بنياد رکيو ۽ ملڪ جي سياستدانن ڇو ان جي آمريت قائم رکڻ ۾ تعاون ڪيو؟
- جنرل يحيٰ خان ڇو عام چوندن جا نتيجا تسليم نہ ڪيا؟ ۽ ڇو بنگالين جو قتل عام ڪرايو؟ ۽ ڇو ان وقت جا مقبول ليڊر جنرل يحيٰ جهڙي بدڪار شخص جا معاون بڻيا؟ عملي طرح انهن ئي پاڪستان ٽوڙيو !
- جنرل ضياءَ جهڙو منافق ۽ اسلام جي نالي تي ملڪ ۾ ٻيهر دوکو ڏيندڙ، فوجي آمر جو ساٿ ملڪ جي اهم پارٽين ڇو ڏنو؟ ملڪ کي آمريڪا جي گود ۾ ويهارڻ جو ڪڏو ڪردار ادا ڪندڙ جو تعاون سياستدانن ڇو ڪيو؟
- آخري فوجي ڊڪٽيٽر جنرل پرويز جهڙي عالمي دلال، فريبي ۽ مڪار جنرل جو ساٿ سياستدانن ڇو ڏنو؟
- هاڻي جڏهن ملڪ جو موجوده صدر ۽ مفاد پرستن جي پارٽي پاڪستان ۾ آمريڪي ايجنڊا پوري ڪرڻ لاءِ عوام جو قتل عام ۽ انهن کي موتمار افلاس ڏانهن ڌڪيلي رهي آهي تہ ان وقت ڇو قبرستان واري خاموشي ڇانيل آهي؟

اسان جي نظر ۾ پاڪستان جو قيام ڪنهن سچائي، ديانتداري ۽ عوام جي فلاح ۽ بهبود جي نظريي هيٺ وجود ۾ نہ آيو آهي. ان ڪري هن ملڪ ۾ نا اهل، ناتجربيڪار، ذاتي مفادن ۽ غرضن ۾ ڦاٿل ۽ اقتدار جا پوڄاري انسان ئي حڪمران بڻجي ايندا رهندا. اهي هن ملڪ جي عوام سان ويساهہ گهاتيون ڪندا رهندا. ٺڳيون، دوکيبازيون ۽ فريب ڪاريون سندن سڃاڻپ هوندي. اهي ان حد تائين بي شرم ۽ بي حيا ۽ بد ڪردار هوندا جو انسانيت پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيندي. جيڪي 1947ع کان وٺي هاڻي تائين حڪمران بڻيا آهن. اهي فوجي جنرل هجن يا سياست جو جمهوري چولو پائي آيا هجن، انهن مان ڪنهن بہ هڪ شخص مثالي ڪردار ۽ انساني مفاد جو مجموعي طرح مظاهرو نہ ڪيو آهي. هر هڪ جي دامن تي گندگي جا داغ ڇٽيءَ طرح موجود آهن.

البتہ پهرين ڏهن سالن تائين، جيئن تہ ملڪ ۾ سرمايو موجود نہ هو، بجٽ معمولي هوندي هئي، ٻاهرين ملڪن مان قرض بہ ڪونہ ملندا هئا، ان ڪري ڪرپشن معمولي هئي ۽ هلڪيون ڦلڪيون رشوتون هلنديون هيون. اهو ڪاروبار جنرل ايوب خان واري دور ۾ شروع ٿيو. جڏهن ان گندي ڪاروبار ۾ ايوب خان جا هٿ بہ رڱجي ويا ۽ ٻاويهن خاندانن تي مشتمل هڪ ”سرمايہ دار ٽولو“ وجود ۾ اچي ويو، ان کان پوءِ ڌماچوڪڙي شروع ٿي وئي ۽ اڄ تہ ان جو اوج آهي. هاڻي اهي ٻاويهہ خاندان نہ رهيا آهن، بلڪ انهن جو تعداد ٻاويهہ هزار خاندان کان بہ وڌي ويو آهي.

هائو، ڪن فوجي جنرلن ۽ سياستدانن جون فيڪٽريون ۽ مليون ملڪ ۾ ڪليل موجود آهن. ٻاهرين ملڪن ۾ ڪاروبار هلن پيا. يورپ، آمريڪا ۽ دبئي ۾ شاندار محلات ۽ مهانگا



فليٽ نهرايا ويا آهن. ٻاهرين بئنڪن ۾ ملڪ جو لٽيل ۽ ڦريل سرمايو حفاظت سان جمع ٿيل آهي. موجوده سياستدان جي متعلق پوري ملڪ جو عوام اها راءِ رکي ٿو تہ هي سمورا ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين، ڪي وڌيڪ تہ ڪي هلڪا، مگر ڪرپٽ ضرور آهن. ملڪ جي سرمايي کي لٽڻ ۽ ڦرڻ انهن جي عادت بڻجي وئي آهي. لٽ ڦر سندن ڪمزوري آهي. ساڳي طرح فوجي جنرل بہ ان ڪري ڪاروبار ۾ شريڪ آهن. هو پنهنجو حصور پوري طرح حاصل ڪن ٿا، ملڪ هاڻي تہ آمريڪا ڪين سنئون سڌو بہ سندن ڊالرن سان مدد ڪري رهيو آهي.

ان کان پوءِ جيڪا وڏي لٽ ڦر ۽ بجٽ جي رقمن ۾ گهوٻيون لڳي رهيون آهن، انهن ۾ سرڪاري ڪامورا ۽ نوڪر شاهي جا آفيسر مبتلا آهن. انهن هر دور ۾ جاوا ڪيا آهن، صدر، وزير اعظم، وزراءِ اعليٰ ۽ مرڪزي ۽ صوبائي وزيرن ۽ مشيرن جي لوڊ جيڪا ملڪ ۾ موجود آهي، اهي تہ رات ڏينهن ان شغل ۾ آهن تہ ڪهڙي طرح هن غريب ملڪ جي عوام جي رقمن تي ڊاڪا هنيا وڃن ۽ عوام کي افلاس ۽ موت تائين پهچايو وڃي.. هنن جا بيان، تقريرون ۽ خطاب، ملڪ سان وفاداري ۽ صوبن سان همدردي جي جذبن جو اظهار، ڪوڙ ۽ فقط ڪوڙ هوندو آهي. اهي جڏهن وڏا وات ڦاڙي، زور زور سان چيخون ڪندا آهن تہ معلوم ٿيندو آهي تہ هيئنر ڪو وڏو ڪوڙ گهڙي رهيا آهن.

جڏهن هن ملڪ جي اها صورتحال موجود هجي تہ پوءِ سڌارو ڪيئن اچي ۽ ڪهڙي طرف کان اچي؟ سمورا معتبر ۽ شرافيہ طبقو جڏهن بدمعاشي تي لهي اچي ۽ هو منافقت جي مرض کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار ئي نہ جي تہ پوءِ هن ملڪ جو مستقبل ڪهڙو ٿيندو؟ هن گنڀير ۽ حد کان وڌيڪ تشويش ناڪ صورتحال ۾ اسان جي نظر وري بہ هن ملڪ جي صاحب اخلاص ۽ صاحب درد انسانن ڏانهن واجهائي ٿي. هن ملڪ جو باشعور طبقو، جيڪو ڪجهہ انفرادي طرح ۽ مختلف ادارن جي شڪل ۾ پاڻ پتوڙي رهيو آهي، عوام جي بيداري، سڄاڳي، انهن کي هڪ لڙهي ۾ پروڙڻ، جون ڪاوشون جيڪي ڪجهہ ٿي رهيون آهن، انهن کي تيزي سان وڌايو وڃي. انقلابي ۽ نظرياتي سوچ کي تحريڪ جي شڪل ۾ اڳتي آندو وڃي ۽ اهڙن مخلص ماڻهن کي پاڻ ۾ رابطا ۽ لاڳاپا وڌائڻ گهرجن.

- ديني رهنمائن کي مسلڪن ۽ جماعتن جي عصبيتن کان پري ڪيو وڃي.
- انهن کي فروعي مسئلن جي تاريخي نتيجن کان واقف ڪيو وڃي تہ ڪهڙي طرح انهن جهڳڙن مسلمانن جي رياستن کي نيست و نابود ڪيو ۽ مسلمانن تي زوال آندو.
- بد ڪردار حڪمرانن ۽ مفاد پرست سياستدانن جي لڪل منصوبن کان قوم کي واقف ڪيو وڃي.
- جن هن ملڪ کي لٽيو ۽ ڦريو آهي، انهن جي توقير نہ ڪئي وڃي، بلڪ انهن کان پاسيرو ٿيڻ گهرجي. ملڪ جي هر حصي ۾، شهرن ۽ قصبن ۾ قرآن ۽ سيرت جو لائبريريون قائم ڪيون وڃن.
- نئين نسل کي علم جي نور سان منور ڪري شعور ۽ تربيت سان سينگاريو وڃي.

امت مسلمہ کي قرآني فڪر تي ڪٺو ڪيو وڃي. قرآن مجيد کي هدايت جو سرچشمو قرار ڏيئي، ان ذريعي اصلاح امت جو ڪم سر انجام ڏنو وڃي.

اسلام ۽ قرآن مجيد جي بنيادي تعليم اها آهي تہ مسلمان کي ڪهڙيون بہ حالتون سامهون اچن، پر مايوس هرگز نہ ٿيڻ گهرجي. شمع ٻاري وڃي. روشني پکيڙي وڃي، پوءِ ڪيتري بہ ٿوري هجي، ان سان بہ انڌيري کي شڪست ملندي.

# توحيد جي مسئلي تي فلسفيانه بحث

حيدرآباد جي تاج محل هوٽل ۾ 12 جون 1944ع تي حضرت مولانا عبيدالله صاحب سنڌي خاڪسار کي مخاطب ٿيندي فرمايو ته: ”توحيد“ جي مسئلي تي شاهه وليُ الله قدس سره جي خاندان جيڪا هندستان ۾ ارتقائي خدمت ڪئي آهي، ان تي جيڪڏهن مضمون قلمبند ڪيو وڃي ته هندستان ۾ اسلامي توحيد تي مفصل تاريخي روشني پئجي ويندي.

عرض ڪيو ويو ته جيڪڏهن ارشاد فرمائيندا ته مضمون قلمبند ڪيو ويندو. جنهن تي پاڻ رضامندي ڏيکاريائون. ان کان پوءِ 12 جون ميرپور خاص ۾ تمهيدي طرح هيٺيون مضمون ارشاد فرمايائون، جو ناظرين رسالہ ”توحيد“ جي معلومات لاءِ درج ڪجي ٿو. مضمون جو شروعاتي حصو نهايت مشڪل ۽ حڪيمانہ انداز ۾ بيان ٿيل آهي ۽ ان کان پوءِ جيڪو ٻيو سلسلو شروع ٿيندو، سو اميد ته عام فهم ۽ سولو هوندو.

اسان هن مضمون ۾ توحيد جي مسئلي ۾ (سوچ ۽ علم جي لحاظ کان) اعليٰ طبقي کي هن ڪري مخاطب ڪرڻ گهريو آهي جو سنڌ ۾ اڄا اهڙا خاص خاص افراد موجود آهن، جيڪي تصوف جي حقيقتن کان با خبر هوندا. يعني صوفيانہ اعليٰ توحيد جو ڄاڻو مٿيون طبقو ڪو سنڌ ۾ اڻلڀ ڪونہ ٿيو آهي.

شاهه عبداللطيف جي رسالي واري توحيد جا سمجهندڙ ۽ عارف، جامي جا ڪتاب پڙهندڙ ۽ حضرت امام رباني جي مڪتوبات سمجهڻ وارا علماءَ سنڌ ۾ اڄا موجود آهن ۽ ساڳي ريت سچل فقير ۽ بيدل فقير صوفي جي محبتن وارا بہ اڄا بدمذاق ڪونہ ٿيا آهن. مسلمانن ۾ انهيءَ قسم جي سجهدار طبقي کان سواءِ، اسان کي هي بہ يقين آهي تہ ويدانت فلاسافي مڃڻ وارا هندو بہ پنهنجي فن جا استاد موجود آهن، ان کان سواءِ انگريزيدان طبقي ۾ ڪيترائي اهڙا عالم موجود آهن، جي سائنٽيفڪ طريقي تي وحدة الوجود جا قائل آهن تہ ان حالت ۾ جيڪڏهن ”توحيد“ جهڙي علمي رسالي ۾ انهيءَ عالم طبقي کي خطاب ڪندي چند صفحا هن بلند فڪر لاءِ مخصوص ڪيا وڃن تہ ان ۾ ڪو بہ حرج ڪونہ سمجهون ٿا. (دين محمد وفائي — مدير ”توحيد“)

فرمايائون تہ: اسلامي تعليم کي جيڪڏهن جزا جزا ڪري جاچيو وڃي، يعني تہ ان کي تحليل ڪجي تہ هن جو مرڪزي نقطو فقط توحيد ئي مقرر ٿئي ٿو. توحيد جي سمجهڻ لاءِ ڪي شروعاتي ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ تمام ضروري آهن، پوءِ توڙي جو اهي عام ماڻهن جي سمجهہ کان مٿي آهن پر خاص علم وارن سمجهدار ماڻهن کي انهن ڳالهين جو سمجهڻ ۽ پنهنجي ذهن ۾ محفوظ رکڻ ضروري آهي تہ جيئن عام ماڻهن کي اسلامي تعليم جو مرڪزي نقطو سمجهائڻ ۾ هن کي اطمينان ۽ يقين جو درجو حاصل هجي.

توحيد اسلام جي سمجهڻ لاءِ جن منڍائتين ڳالهين جو سمجهڻ ضروري آهي، تن مان مکيہ ٽي ڳالهيون آهن جن جو بيان امام شاهه وليُ الله جي ڪتابن ۾ آيل آهي. اهي هي آهن:

1. انسانيت جو جيڪو گروهه بہ الله تعاليٰ کي مڃڻ وارو آهي، تنهن لاءِ الله تعاليٰ سان گڏ سندس مخلوق جي وجود جو مڃڻ بہ هڪ لازمي شيءِ آهي. هاڻي ڏسڻو آهي تہ الله تعاليٰ ۽ سندس مخلوقات جي وچ ۾ ڪهڙو تعلق يا نسبت يعني ڪهڙو لاڳاپو آهي؟ هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ جيڪا نسبت يا تعلق آهي، تنهن تي غور ڪرڻ تمام سنجيده امر آهي. اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ جي صفتن سمجهڻ ۾ ذهني پيچيدگي يا مونجهارو رهندو آهي، تنهن ڪري ضروري آهي تہ انهيءَ تعلق يا لاڳاپي مقرر ڪرڻ کان اڳ ۾ الله تعاليٰ جي وجود ڏانهن پنهنجي فڪر کي صاف ڪرڻ گهرجي، جنهن کان پوءِ ئي هي سوال غور ڪرڻ سان حل ٿيندو نظر ايندو.

هي بہ ظاهر آهي تہ جيڪو انسان بہ الله تعاليٰ جي هستيءَ کي مڃي ٿو تہ لازمي طرح هي بہ قبول ڪري ٿو تہ سموري مخلوقات جي منبع الوجود يا موجودات جو سرچشمو بہ الله تعاليٰ آهي. ڇاڪاڻ جو دنيا ۾ جيڪا بہ شيءِ موجود سمجهي ويندي تہ لازمي طرح سندن اصل منبع الموجودات سان هوندي. پر جيڪڏهن اسان هڪ موجود شيءِ جون هن ريت تصور ڪريون تہ هن جو لاڳاپو پنهنجي اصلي سرچشمي سان ڪونہ آهي تہ اهڙو تصور ڪرڻ بلڪل غلط ۽ باطل آهي، ڇو تہ ڪا بہ شاخ يا ٽاري پنهنجي اصل يا ٿڙ کان سواءِ علحده ڪڏهن بہ تصور ڪري نٿي سگهجي.

2. هي بہ ظاهر آهي تہ موجودات جو اصلي سرچشمو يا وجود مطلق ۽ عام موجودات جدا جدا بہ هستيون آهن. هاڻي غور ڪرڻو آهي تہ منبع الوجود يا موجودات جو اصلي سرچشمو، دنيا جي مخلوقات يا هن ڪائنات کان علحده رنگ ۾ محدود آهي يا ڪا ٻي ڳالهہ آهي؟ يعني هن کي ڪائنات کان جدا ڪرڻ لاءِ ڪا حد مقرر ٿيل آهي، جنهن جي احاطي اندر فقط منبع الموجودات جو وجود تسليم ڪيو وڃي ۽ ان کان ٻاهر ٻي مخلوقات جي وجود کي قبول ڪجي؟

ڏٺو ويو آهي تہ عام علماءَ سواءِ ڪنهن غور جي ائين مڃيندا آيا آهن تہ منبع الوجود ۽ مخلوقات ۾ حد بندي آهي. يعني هو هڪ ٻئي کان جدا جدا حدن اندر محدود آهن. پر جيڪڏهن باريڪ نموني ۾ غور ڪيو ويندو تہ معلوم ٿيندو تہ الله تعاليٰ يعني سرچشمهٔ موجودات لاءِ حدبندي يا محدود دائري ۾ بند هجڻ جو تصور ئي ڪونہ ڪري سگهبو.

هن مسئلي تي مولانا محمد قاسم صاحب قدس سره (باني دار العلوم ديوبند) سمجهاڻي ڏيندي فرمايو آهي تہ، ڪنهن بہ شيءَ جي حد تڏهن نظر ايندي آهي، جڏهن اها شيءِ ڪنهن هنڌ وڃي ختم ٿئي ۽ مخالف طاقت جي طرفان ان تي اڳتي وڌڻ جي روڪ يا رنڊڪ پوي. ٻين لفظن ۾ تہ جڏهن منبع الوجود (الله تعاليٰ) جي طاقت ختم ٿئي ۽ سندس اڳو عدم يا نہ هجڻ واري مخالف طاقت آڏو اچي تڏهن ئي چئبو تہ هاڻي سندس حدبندي ٿي وئي آهي. پر جڏهن هي ڳالهہ قبول ڪيل آهي تہ منبع الوجود جي حد ۽ وجود ختم ٿيڻ وارو نہ آهي تہ پوءِ ان کي محدود يا حدن جي اندر بند سمجهڻ انساني فڪر جي هڪ کليل ڪمزوري آهي.

اوهان قرآن شريف جي هيٺين آيت تي غور ڪريو تہ هي مسئلو وڌيڪ وضاحت سان سمجهہ ۾ اچي ويندو. ”هُوَ الْأَوَّلُ وَالْآخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿الحديد: ٣﴾“

هن آيت جي تفسير ۾ هيٺين حديث شريف تي غور ڪرڻ گهرجي، يعني تہ ” اللهم انت الاول، فليس قبلك شی...“ اول جي معنيٰ آهي تہ ان کان اڳ ۾ ڪا بہ شيءِ ڪانہ آهي. ”اللهم انت الظاهر فليس بعدك شیء“ آخر جي معنيٰ آهي تہ ان کان پوءِ بہ ڪا شيءِ ڪانہ آهي. ”اللهم انت

الظاهر فليس فوقك شيءِ" يعنيٰ ظاهر جي معنيٰ آهي هن کان مٿي بہ ڪا شيءِ ڪا نہ آهي "انت الباطل فليس دونڪ شيءِ" يعني تہ باطن جي معنيٰ آهي تہ هن کان سواءِ هيٺ بہ ڪا شيءِ ڪانہ آهي. جڏهن سندس منڍ پڇاڙي ۽ مٿان ۽ هيٺان ٻي ڪابہ مخالف شيءِ ڪانہ آهي، جا سندس حد بندي ڪري تہ اهڙي غير متناهي (اڻ ڪٿ) وجود کي ڪيئن محدود چئبو. ان وجود جو نالي آهي الله ۽ اهوئي اڪيلو ۽ هڪ آهي. اهوئي اسلامي توحيد جو مرڪزي فڪر يا مرڪزي نقطو آهي. صوفي سڳورن جي اصطلاح ۾ ان کي وحدة الوجود چئبو آهي ۽ انهيءَ وحداني وجود کان سواءِ ٻيو ڪوبہ وجود حقيقت ۾ وجود ئي ڪونہ آهي، ڇاڪاڻ جو ٻيا سمورا وجود ختم ٿيڻ وارا آهن ۽ انهن ختم ٿيندڙ يا فنا ٿيندڙ وجودن جو مرجع (محور ۽ مرڪز ) بي انتها يا اڻ ڪٿ وجود آهي. صوفين يا حڪيمن جي اصطلاح ۾ ان مضمون کي هيٺين عبارت ۾ ادا ڪيو ويو آهي: يعني سموري ڪائنات يا موجودات الله تعاليٰ جي ڪمالات يا صفات جو عڪس آهي ۽ ڪابہ جدا شيءِ ڪانہ آهي.

3. الله يا منبع الوجود يا واجب الوجود، اهي سڀ هڪ ئي ذات جا جدا جدا نالا آهن. اها ذات پاڪ اڻ ڪٿ ڪمالات جي مالڪ آهي. اهڙي طرح سندس هڪ هڪ ڪمال وري اڻ ڪٿ، بي انتها ۽ نہ ختم ٿيڻ واري مرتبن يا درجن جو مالڪ آهي. هن مان نتيجي طور هي ظاهر ٿئي ٿو تہ ان جي ذات پاڪ ۾ سندس هر هڪ ڪمال جي هر هڪ مرتبي يا درجي لاءِ هڪ خاص طرف يا جهت مقرر ٿيل آهي. جنهن مان انهيءَ خاص ڪمال کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ صادر نہ ٿي سگهي ٿي. بلڪ ٻيو ڪو ڪمال بہ انهيءَ مقرر جهت يا ڏس مان صادر نہ ٿي سگهندو. انهيءَ فڪر يا سمجهہ جي تڪميل کي حڪمت چئبو آهي. پر قدرت کي جڏهن هڪ ڪمال جي بجاءِ ٻئي ڪمال ظاهر ڪرڻ جو ارادو هوندو آهي تہ حڪمت جي خاص قاعدي پٽاندڙ هن نئين پيدا ٿيندڙ پوئين ڪمال جي اثرات کي پهرين مقام ٿيل ڪمال جي جهت يا مقرر جاءِ تي غالب بڻايو ويندو آهي. جنهن ڪري ظاهر ۾ ائين پيو معلوم ٿيندو تہ پهريون ڪمال معدوم ٿي چڪو آهي پويون وجود ۾ آيو آهي. پر حقيقت ۾ نہ پهريون معدوم ٿيو آهي، نہ پويون نئين سر وجود ۾ آيو آهي. ٿيو هيئن آهي جو اتي حڪمت جي تقاضا سان ڪماليت جي مقرر جاءِ يا جهت کي اڳي پوءِ ڪيو ويندو آهي. پر جهتون ۽ سندن ڪمال جيئن پنهنجي اصلي متعلق يعني ذات پاڪ سان قائم هوندا آهن، هنن تي ڪڏهن بہ حقيقي عدم يا نہ هئڻ جو اطلاق ڪري نٿو سگهجي.

4. ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪوبہ موجود عدم يا نيست نہ ٿي سگهندو ۽ نہ وري ڪوبہ موجود عدم يا نيست مان هست ۾ ايندو آهي. اهو قائدو هن ڪري ٻَڌو ويو آهي جو عدم ۽ وجود ٻئي متضاد يا هڪ ٻئي جا ضد آهن. پوءِ جيڪڏهن عدم مان وجود جو نڪرڻ تسليم ڪيو وڃي تہ پوءِ مٿيون هڪ ٻئي جي ضد هئڻ يا تضاد وارو مسئلو باطل ٿي ويندو. هوڏانهن انساني عقل ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪليل طرح جيڪو مسئلو سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿو، سو هي آهي تہ عدم ۽ وجود هڪ هنڌ گڏ نہ ٿي سگهندا. باقي جو هي ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪي شيون موجود آهن تہ ڪي معدوم، يعني عدم ۽ وجود جي تبدل جي نظريي جو بنياد، وجود جي مخفي يا ظاهر هجڻ تي آهن. باقي محض عدم وارو فڪر بالڪل بي حقيقت آهي ۽ هن باريڪ نڪتي تي صوفيا ۽ ڪرام يا حڪماءِ ئي پهتا آهن. ڇاڪاڻ جو پيغمبرن جي ڪلام جو حڪمت جي رنگ ۾ صحيح نموني ۾ تفسير ڪندڙ صوفي هوندا آهن يا حڪيم (فلاسفر)



اسان جو امام وليُ الله صوفي بہ آهي ۽ فلاسافر بہ آهي جو حضرت خاتم النبيين جي تعليم کي عقلي اصولن تي مرتب ڪري ڏئي ٿو.

5. مٿي ثابت ٿي ويو آهي تہ اڻ ڪٿ يا نہ ختم ٿيندڙ فقط الله تعاليٰ جي ذات ئي آهي ۽ ٻي سموري ڪائنات پوءِ جيتري قدر بہ ان جو گهٽي ۾ گهٽو تصور ڪجي، سا سموري ختم ٿيندڙ يا متناهي (ڪٿندڙ) آهي. هي بہ ظاهر آهي تہ سيڪا متناهي يا ختم ٿيڻ واري شيءِ جو اصل ضرور ڪنهن غير متناهي يا اڻ مٽ مان هوندو آهي. يعني جيڪڏهن هڪ شيءِ جون حدون مقرر ڪري ان تي غور ڪيو ويندو تہ اها شيءِ محدود يا متناهي ٿي پوندي. پر جڏهن حدون نظر انداز ڪيون وينديون تہ اها محدود شيءِ ان حد ۾ گم ٿي ويندي.

قرآن شريف جي هڪ آيت ۾ هن مٿين مسئلي ڏانهن اشارو آهي. جيئن تہ ارشاد آهي: "اَلَّذِيۡنَ اِذَاۤ اَصَابَتۡهُمۡ مُّصِيۡبَةٌ ۙ قَالُوۡۤا اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ " ﴿البقرة: ١٥٦﴾ يعني اسان الله جا آهيون ۽ اسان ان ڏانهن ئي موٽڻ وارا آهيون. يعني اسان جڏهن هن ظاهري حد بندي کان آزاد ٿيا سين تڏهن منبع الوجود ان الله ڏانهن ئي رجوع ڪري ويندا سين.

امام وليُ الله پنهنجي ڪتاب "الخير الڪثير" ۾ ذات باري تعاليٰ جي ڪماليت وارن جهتن يا معين طرفن کي شرعي نالو اسماءِ الحسنيٰ ڏنو آهي. اسماءِ الحسنيٰ کي وري ٻن قسمن ۾ ورهايو اٿس:

1. بدئي: يعني جن اسمن جي تاثير سان ڪائنات جون وٿون وجود ۾ اچن ٿيون.
2. عودي: يعني جن اسمن جي اثر کان اهي شيون موٽي وڃن غير متناهي ذات ۾ ختم ٿي پاڻ بہ غير متناهي ٿين ٿيون. هن مسئلي جي پوري تحقيات لاءِ مستقل علم جي ضرورت آهي. تفصيل لاءِ مولانا محمد اسماعيل شهيد جو ڪتاب "عبقات" پڙهڻ گهرجي.

اسماءُ الحسنيٰ جو تاثير کان جيڪي متناهي ڪائنات جا حلقا پيدا ٿيندا رهن ٿا، سي يقينا هڪ ٻئي کان ننڍا وڏا هوندا. انهن سلسلي ۾ جيڪو وڏو حلقو ظهور پذير ٿيندو آهي، تنهن کي اصطلاح ۾ ڪائنات جو هڪ دؤر چئبو آهي. هن جي پيدائش بدئي اسماءِ جي اثر کان هوندي آهي پر جڏهن هن تي عودي اسم جو پرتو پوندو تہ اهو سمورو دور غير متناهي ذات ۾ ضم يا ختم ٿي ويندو.

امام وليُ شاهہ الله "تفهيمات الٰهيہ ۾ فرمايو آهي تہ: "ڪائنات جا اهي دورا ڪمالات الاهيہ جا مرتبہ ۽ غير متناهي آهن."

ڪائنات جو وڏي ۾ وڏو دورو جيڪو ظهور پذير ٿيندو آهي، تنهن کي ڪنهن وڏي اسم الاهي جو دورو سڏيو ويندو آهي. انهيءَ دور جي ضمن ۾ ٻيا ننڍ ننڍا حلقا يا دورا پيدا ٿيندا آهن، جي محيط يا گهير ۾ وٺندڙ ۽ ڪائنات کي جمع ڪندڙ هوندا آهن. انهن کي حڪيمن جي اصطلاح ۾ موطن چئبو آهي. اهي موطن مختلف قسمن جا آهن، جن ۾ سڀ کان وڏو موطن اسماءِ الحسنيٰ جو آهي.

ان کان پوءِ عالم مثال جو موطن آهي، جتي سموري ڪائنات جو پهريون نقشو تيار ٿئي ٿو ۽ ان کان پوءِ ظاهر ۾ اچي ٿو. عالم مثال جو موطن بہ اسماءِ الاهي وانگي قديم شيءِ آهي. ان کان پوءِ ٻيا ننڍا موطن آهن. يعني آسمان ۽ زمين وغيره. انهن ننڍن موطن جي تاثير سان عالم مثال جي رٿيل پروگرام موجب شين جو وجود مرتب ٿيندو رهندو آهي. اهي سڀ شيون يا موطن پاڻ ۾ ملي اسم الاهي جي هڪ دوري کي ختم يا مڪمل ڪن ٿا. جڏهن هي دورو ختم ٿئي ٿو تہ تڏهن وري ٻئي نئين اسم الاهي جي دوري ظاهر ٿيڻ جو وقت اچي ٿو. جيئن

هڪ انسان قدم کڻي ٿو تہ ٻئي جو هن ۾ استداد پيدا ٿئي. مگر هڪ دوري ۾ جيڪي هستيون زندگي بسر ڪن ٿيون، تن جو نہ ان کان پهرين دوري سان لاڳاپو هوندو آهي ۽ نہ وري ايندڙ دوري سان.

امام شاهہ وليُ اللہ فرمايو آهي تہ، مون کي اسم ”الرحمان“ جي تجلي ۾ فنا حاصل ٿيل آهي، جا سڀ کان وڏي تجلي يا وڏو دورو آهي. ان ۾ فنا ٿيڻ کان پوءِ ئي سمورو راز کليو آهي. مواطن جي حڪيمانہ بحث کان عام علم وارا غافل آهن. جنهن ڪري ئي هنن جي حڪمت ناقص آهي. اسان انهن کي شاهہ اسماعيل شهيد جي رسالي عبقات پڙهڻ جي سفارش ڪريون ٿا:

هن مضمون جي پهرين حصي ۾ واضح ڪري چڪا آهيون تہ منبع الوجود يا ذات حق غير متناهي آهي. پر ٻي سموري ڪائنات هر حالت ۾ متناهي يا ختم ٿيندڙ آهي. هاڻي هي سوال اٿي ٿو تہ جا شيءِ متناهي پاڻ ختم ٿيڻ واري يا فاني آهي، سا غير متناهي يا اڻ ڪٿ کي ادراڪ ڪري يا پروڙي سگهي ٿي؟ يعني هن ڪائنات جو ڪوبہ فرد ذات حق تعاليٰ کي سمجهي سگهي ٿو؟

ان جو جواب ۾ اڳوڻن حڪيمن ۽ متڪلمن هڪ ئي جواب ڏنو آهي تہ نہ! ۽ اهو فڪر مسلمانن جي پهرين طبقي ۾ بلڪل تسليم شده آهي. هنن وٽ شيخ سنڌ جو شعر: ”اي بر تر از قياس و خيال و گمان وهم“ هڪ ضرت المثل طور مجيل آهي.
امام شاهہ ولي اللہ جو بہ ان باري ۾ ساڳيو مسلڪ آهي. پر هن مشڪل حل ڪرڻ جو جيڪو طريقو شاهہ صاحب اختيار ڪيو آهي، سو سمورن اڳوڻن حڪيمن ۽ عالمن جي طريقن ۽ فڪرن کان جامع ۽ مٿن حاوي آهي. اسان اللہ تعاليٰ جي معرفت يا سڃاڻ ۾ ڪيئن ترقي ڪري سگهون ٿا. اسان جي علم ۾ ڪيئن ان ذات پاڪ جو يقين اچي، ان لاءِ هيٺين تمهيد يا بنيادي ڳالهين جو معلوم ڪرڻ نهايت ضروري آهي:

**تمهيد:**

اسان هڪ اهڙي جسم جو تصور ڪريون جو بالذات هڪ غير متبدل يا غير متغير حقيقت جو مالڪ هجي، پر سندس ظاهري صورت متبدل ٿي سگهي. يعني اصل حقيقت ائين جو ائين قائم هجي پر اها صورت جدا جدا شڪليون قبول ڪري سگهي. اوهان سموري ڪائنات يا مخلوقات تي غور ڪندا تہ اوهان کي اصلي حقيقت هڪ هئڻ ۽ صورت جي جدا جدا شڪلين جو فرق صاف طرح ڏسڻ ۾ ايندو. انهيءَ اصول جي بنياد تي اسان ڪمالات الاهيہ کي هڪ غير متبدل حقيقت مڃون ٿا، جن ۾ ڪابہ ڦير ڦار ٿيل نہ آهي. ساڳئي انهيءَ ڪمالات الاهيہ جي هڪ صورت هي بہ آهي جا مختلف شڪلين ۾ ظاهر ٿيندي رهي ٿي ۽ هن صورت ۾ هڪ خاص طلسم رکيل آهي، جو باوجود متناهي هجڻ جي بہ غير متناهي کي پنهنجي اندر ڏيکاري سگهي ٿي، جنهن کان پوءِ ئي معرفت الاهيہ جو دروازو کلندو نظر ايندو. جيڪڏهن صورت واري طلسم جو توسط يا ذريعو وچ ۾ نہ اچي ها تہ معرفت يا ڄاڻ جو ڪڏهن بہ دروازو نہ کلي سگهي ها. اوهان هيٺين مثال تي غور ڪيو.

سج جو جيڪو پاسو اسان جي سامهون آهي، تنهن جو منديو ۽ ڊيگهہ نهايت اڻ ڪٿ يا بي انتها آهي. مگر آئينو کڻي سندس سامهون جهليو تہ آئيني جي طلسم ۾ بلڪل محدود ۽ متناهي نظر ايندو. گويا غير متناهي ذات هڪ متناهي صورت ۾ ظاهر ٿي پئي. ان جو نالو آهي ”تجلي“.

امام ولي اللہ جي فلسفي الاهيات جي سمجهڻ لاءِ تجلي جو ڄاڻڻ هڪ نهايت ضروري



شيءِ آهي. اگرچہ پاڻ پنهنجن ڪتابن ۾ تجلي جي شرح ۽ تفصيل تي ايڏو زور ڪونہ ڏنو اٿن، ڇاڪاڻ جو سندن زماني جا عالم ”تجلي“ جي مسئلي کان گهڻي قدر باخبر هئا، مگر شاهہ صاحب جي پيش ڪيل تجلي جي مسئلي جو شرح مولا محمد قاسم صاحب رسالي قاسم العلوم ۾ وڏي تفصيل سان سمجهايو آهي. حقيقت ۾ جيڪڏهن مولانا محمد قاسم جي سمجهاڻي نہ هجي ها تہ اڄوڪي زماني جا ماڻهو انهيءَ مسئلي جي حقيقت سمجهڻ کان گهڻو پوئتي رهجي وڃن ها.

اوهان آئيني ۾ سج جي مثال مان هي ڳالهہ سمجهي سگهندا تہ تجلي ايڏي ظاهر ٿيندي، جيڏو ڪائنات جو آئينو هوندو، يعني تجلي جو مقدار يا انداز ڪائنات جي آئيني آهر ئي ڏسڻ ۾ ايندو. ڇاڪاڻ جو صورت جو عڪس جيڏي آئيني ۾ ايندو اوترو ئي ڏيکاري ڏيندو.

ساڳي ريت غير متناهي حقيقت (تجلي) بہ جهڙي صورت ۾ پرتور وجهندي، سندس مقدار بہ اهو ئي ڏسڻ ۾ ايندو. حضرت رسول اللہ صلي اللہ عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ: ”قيامت جي ڏينهن صالح ٻانها اللہ تعاليٰ کي ائين ڏسندا، جيئن منجهند جو سج يا چوڏهين جو چنڊ، جنهن جو ڪوبہ خفاءُ ڪونہ هوندو.“

مطلب آهي تہ هر هڪ صالح ٻانهو پنهنجي ظرف موجب بغير ڪنهن خفاءَ جي ذات حق جو ظهور پسندو.

(الف) جڏهن اوهان کي هي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ عڪس جو ظهور آئيني جي صورت آهر ئي ٿيڻو آهي، ساڳي ريت ذات حق جي ڄاڻڻ لاءِ ڪائنات جو دورو بہ هڪ آئينو آهي، جنهن سان تجلي قائم ٿيڻ کان پوءِ خدا شناسي جي حقيقت واضح ٿي وڃي ٿي.
اسان هن مضمون جي مٿئين حصي ۾ ڪائنات جي دورن جو ذڪري ڪري آيا آهيون تہ جو بہ ڪائنات جو دور هلندڙ هوندو آهي، ان جو پنهنجي ما قبل يا ما بعد (اڳ ۽ پوءِ) واري دوري سان جيڪو تعلق هوندو، ان جو علم اللہ تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ مخلوق کي ڪونہ هوندو آهي. پوءِ اهو جن هجي يا بشر.( اهو آهي علم غيب جنهن کي ڪوبہ پيغمبر يا اوليائن ۽ حڪمائن مان پروڙي نٿو سگهي.) پوءِ ڪائنات جي جنهن بہ هلندڙ دوري سان تجلي قائم ٿيندي سا انهيءَ دوري جي سمورين شين جي مالڪ يا حاڪم هوندي ۽ ماڻهو اللہ تعاليٰ کي انهن صفتن سان سڃاڻيندا. جهڙو انهيءَ دوري واري آئيني ۾ تجلي الاهي جو رنگ هوندو. ڇاڪاڻ تہ ماڻهن کي انهيءَ تجلي کان سواءِ جيڪا انهيءَ دوري جي آئيني ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، خدا شناسائي لاءِ ٻيو ڪوبہ امڪان ڪونہ آهي، جيئن هڪ شخص جي صورت آئيني ۾ ڏيکاري وڃي تہ ڏسندڙ لاءِ تہ ان آئيني واري صورت تي اهو ساڳيو ماڻهو آهي، جنهن جو ڪيس عڪس ڏيکاريو وڃي ٿو نہ ٻيو ڪجهہ.

جدا جدا دورن تي جيڪي بہ تجليون نازل ٿين ٿيون، تن جو سلسلو بہ اڻ ڪٿ يا غير متناهي آهي ۽ اهي سڀ تجليون وري تجلي اعظم جا ڪرڻا يا اولڙا آهن، جنهن جي حقيقت ڏاڍي اونهي آهي.
(ب) ڪنهن بہ دوري ۾ سڀ کان پهريان جنهن شيءِ جي پالوٽ ٿئي ٿي، تنهن شيءِ جي هي خاصيت هوندي آهي تہ انهيءَ دوري ۾ جيڪي بہ گڻ يا صفتون هجن ٿيون سيني کي وجداني شڪل ۾ جمع ڪندو، جيئن تہ حيات، علم قدرت ۽ ٻيون صفتون جيڪي ڪائنات جي دوري ۾ موجود هونديون سي سموريون صفتون ذات حق کان فائض يا پالوٽ ٿيندڙ پهرين شيءِ ۾ يڪجا جمع هونديون، جنهن جي ذريعي ئي باقي ڪائنات ۾ انهن جو ظهور ٿئي ٿو.

گھڻن حڪيمن جو اصول آهي تہ ”الواحد لايصدر عنه الا الواحد“ يعني تہ هڪ مان فقط هڪ شيءِ ئي ظاهر ٿيندي آهي. حڪيمن جو مطلب آهي تہ الله تعاليٰ جي ذات واحد ۾ريان هڪ شيءِ پيدا ڪئي، جنهن مان ڪائنات جو دور شروع ٿيو. مگر متڪلمين انهيءَ اصول جا منڪر آهن ۽ ڊرمي ڪتابن ۾ ان تي ڪافي بحث ٿيل آهي. هيٺين درجن جا عالم بہ متڪلمين سان متفق آهن ۽ پريشان ڪندڙ بحث تي مسئلا ڇيڙي ڇڏيا اٿن.

پر محققن عالم جي جماعت هنن پوئين متڪلمين جي بجاءِ اڳوڻن حڪيمن سان متفق آهن، جن مان امام شاه ولي الله بہ هڪ آهي. اهڙي طرح مولانا محمد قاسم صاحب بہ انهيءَ مسئلي ۾ امام فخر الدين رازي جو تابع نہ ٿيو، پر اڳوڻن حڪيمن سان اتفاق ڪيو اٿس. يعني ”الواحد لا يصدر عنه الا الواحد“ هڪ مان فقط هڪ شيءِ پيدا ٿيندي آهي، جي اصول موجب ان ڪي پهرين شيءِ يا صادر اول سڏيو ويندو آهي ۽ صادر اول جي ذات حق سان جا نسبت آهي، ان جو نالو شاه ولي الله جي اصطلاح ۾ آهي: ”الابداع“ انهيءَ الابداع يا ذات حق کان پهرين شيءِ پالوٿ ٿيندڙ مان ئي سموري ڪائنات جو دور وجود ۾ ايندو آهي ۽ انهيءَ الابداع ۾ اهي سڀ صفتون يڪجا جمع هونديون آهن، جي ڪائنات جي دوري ۾ منتشر طور نظر اچن ٿيون. انهيءَ شيءِ مان ٻين شين جي نهڻ يا پيدا ٿيڻ جو نالو آهي ”خلق“.

اڳوڻن حڪيمن جي اصطلاح ۾ ”الابداع“ جو نالو آهي ”جعل بسيط“ ۽ خلق جو نالو آهي ”جعل مرڪب“ هن ۾ لفظن جو فرق آهي باقي حقيقت ۾ هڪ ئي آهي.

ڪائنات جي دور ي ڪي پوري طرح سمجهڻ لاءِ حڪيمن يا صوفين جي ڪتاب ڪي غور سان پڙهجي، هنن اصطلاحن جو سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ تمام ضروري آهي.

(ب) صادر اول جون بہ حالتون آهن: هڪ سندس حيثيت، ٻي سندس صورت.

صورت جيڪا هن سان لازمي آهي، تنهن ۾ ڪابہ ڦير گهير ڪانہ ٿيندي آهي، پر متبدل شڪليون ساڻس عارضي طرح لاڳو ٿينديون رهنديون. صادر اوَل جي اصلي صورت ڪي ”نفس ڪليہ“ يا ”نفس الڪل“ بہ سڏيو ويندو آهي. پر صادر اول جي حقيقت در اصل ڪائنات جو هڪ اڻ ڦرندڙ گهرندڙ مادو آهي، جنهن ۾ ڪوبہ تغير يا تبدل ڪونہ ٿئي ٿو، ان ڪي شاه ولي الله جي اصطلاح ۾ ”نفس رحماني“ سڏيو ويندو آهي. شيخ محي الدين ابن عربي انهيءَ ماده جو ادنيٰ جو ”نفس رحماني“ نالو رکيو آهي، جنهن ڪري انهيءَ نالي رکڻ ۾ ٻنهي حڪيمن جو اشتراڪ سمجهڻ گهرجي.

صادر اول جي صورت يعني نفس ڪليہ ڪان سندس حقيقت يعني نفس رحماني ڪي مخلوقات جي پيدا ڪرڻ ۾ اڳرائي يا تقدم هوند آهي، ڇاڪاڻ جو حقيقت جي خواهش رهندي آهي تہ وڌي ۽ وسيع ٿئي ۽ وحدت مان ڪثرت بڻجي. گويا صادر اول جي اها ذاتي خواهش آهي، جا سندس حقيقت يعني نفس رحماني جي ذريعي ظهور پذير ٿيڻ گهري ٿي. جنهن ڪان پوءِ سندس صورت يعني نفس ڪليہ مان هڪ نئين شيءِ مناسب لباس ۾ تيار ٿيندي وڃي ٿي. يعني تہ ڪائنات جون شيون پيدا ٿينديون وڃن ٿيون، ان جو نالو آهي مخلوق.

(پ) صادر اول جي صورت جنهن ڪي نفس ڪليہ سڏيو وڃي ٿو، پهرين تجلي لاءِ هڪ آئينو يا سندس عرش آهي. هن اسان جي دور ۾ سڀ ڪان وڏي تجلي ”الرحمان“ جي آهي. قرآن شريف جي آيت ”الرحمان علي العرش استويٰ“ جي بہ اها ئي معنيٰ آهي. هي مسئلو عام فهم نہ آهي، تنهن ڪري اسان ان تي وڌيڪ بحث ڪرڻ نٿا گهرون.

اهڙي طرح صادر اول ڪان جيڪي پهريون شيون صادر ٿيون، تن ۾ سڀ ڪان وڏيون بہ



شيون آهن: 1. عرش ۽ 2. الماءِ. عرش ۾ تمام صورتون جمع آهن ۽ تجلي اعظم تائين پهچڻ لاءِ انهن ٻنهي جي ذريعي جدا جدا رستا آهن.

الماءِ حقيقت ۾ سڀ شيءِ جو مادو اوٽ آهي، جنهن بابت ”وجعلنا من الماءِ ڪل شيءِ محيط“ ڏانهن اشارو آهي. يعني اسان سڀ شيءِ الماءِ مان پيدا ڪئي آهي. (تفصيل لاءِ ”تفهيمات الاهيہ“ پڙهڻ گهرجي)

اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ تجلي اعظم تائين پهچڻ واسطي انسان لاءِ عرش ۽ الماءِ ئي هڪڙا ذريعا آهن، سو هن لاءِ جو ڪوبہ انسان مادي ۽ جسم ڪان خالي نہ هوندو آهي، تنهن ڪري تجلي تائين سندس رسائي تڏهن ٿي سگهندي، جڏهن تجلي جو مظهر جسم ۾ مادو هوندو.

هن جسماني صورت جي مرڪزي جسم يعني عرش عظيم تي جيڪا تجلي پرتو پيل آهي، سا پهرين تجلي نہ آهي، پر ثانوي آهي، ڇاڪاڻ تہ پهرين تجلي جيڪو عڪس جو نفيس ڪليہ تي پيل هو، جنهن جو بيان اڳ ۾ ٿي چڪو آهي، پر جنهن صورت ۾ پهرين تجلي عام فهم ڪان قدري بلند آهي، تنهن ڪري هن ثانوي تجلي ڪي پهرين درجي ۾ رکيو ويو آهي.

(ت) تجلي جو عرش عظيم يا وڏي دوري جي آئيني ۾ ڏسڻ جو مثال هن ريت سمجهڻ گهرجي تہ اسان جنهن بہ شيءِ ڪي ڏسڻ گهرون ٿا تہ ضروري آهي تہ اها شيءِ اسان جي سامهون هجڻ گهرجي، تڏهن ئي اسان هن ڪي پوري طرح ڏسي سگهنداسين. پر جيڪڏهن اها شيءِ اسان جي پوئتان آهي، جنهن ڏانهن اسان منهن ڪري آمهون سامهون ڏسي نٿا سگهون. پر هن ڪي ڏسڻ بہ گهرون ٿا تہ پوءِ ان جي ديدار جو ذريعو هي آهي تہ آئيني ۾ سندس عڪس ورتو وڃي، جنهن جي وساطت سان ئي اسان هن ڪي ڏسي سگهندا سين. ان ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ ذريعو ڪونہ آهي. هاڻي آئيني ۾ ان آيل تصوير جي عڪس تي غور ڪرڻو آهي تہ انهن ٻنهي جي پاڻ ۾ ڪهڙي مناسبت آهي. يعني جيڪڏهن آئينو ايڏو وڏو آهي، جنهن ۾ تصوير تہ آئي پر اجا بہ آئيني جا پاسا پلؤ بچي پيا آهن تہ پوءِ ڏسندڙ کي يقين ٿيندو تہ آئينو جدا شيءِ آهي ۽ عڪس يا تصوير جدا شيءِ قائم ٿيل آهي. پر جيڪڏهن ڪو ڪاريگر اهڙو آئينو ڪٽي ٺاهي بيهاري جو تصوير ڪان هڪ تر جيترو بہ وڏو يا ننڍو نہ هجي، بلڪ تصوير آئيني سان ۽ آئينو تصوير سان ٺهڪي ۽ برابر سرابر ٿي بيهي تہ ان حالت ۾ آئينو هر گز نظر نہ ايندو، فقط تصوير ئي تصوير سامهون هوندي، ڪو بہ ماڻهو جنهن کي اصل حقيقت جي سڌ نہ هوندي سو ان تي عڪس جو شبهو نہ ڪندو، پر اصل سمجهندو. ان ڪي چئبو آهي آئيني ۾ تصوير جو استواءُ.

هاڻي ڄاڻڻ گهرجي تہ تجلي اعظم جو عڪس عرش عظيم واري آئيني تي اهڙي طرح برابر سرابر پيل آهي، جو جنهن ماڻهو جي بصيرت عرش تائين ويندي تہ هن کي الرحمان جي تجلي نظر ايندي، ڇاڪاڻ جو ٻنهي جو پاڻ ۾ استواءُ آهي. الله تعاليٰ جي حقيقي ذات ڪي ڪنهن نہ سمجهيو آهي. جيڪڏهن سمجهيو آهي تہ اها تجلي اعظم يا ٻي ڪابہ تجلي هوندي آهي.

(ٿ) عرش ۽ عرش جي تجلي ڪان هيٺ جيڪا مخلوق آهي، تنهن ڪي عالم مثل چئبو آهي. جتي مخلوقات جي هر هڪ نوع جو امام يا بنيادي نمونو موجود آهي ۽ انهن سيني جي مرڪزي نقطي ڪي ”حظيرة القدس“ جو نالو ڏنل آهي ۽ حظيرة القدس ۾ وري مخلوق جي سيني نوعن جي امامن جو بہ امام يعني انسان ڪبير رهي ٿو. اهو انسان سموري انسانيت جا فرد اتان پيدا ٿي وري بہ اتي وڃي ختم ٿين ٿا. انهيءَ انسان اعظم جي ذريعي سان ڪي فرد عرش تائين ۽ ڪي تجلي اعظم تائين پهچن ٿا. انهيءَ قسم جي انساني ترقي جا مدارج طئي ڪرڻ حظيرة القدس جي خاص علمن مان هڪ شيءِ آهي.

حظيرة القدس واري امام انسان ڪبير جي قلب تي عرش عظيم جي تجلي نازل ٿئي ٿي. معرفت الاهي جي معاملي ۾ پهريون سبق هي آهي ته امام نوع انسان (انسانذات) يا انسان ڪبير جي قلب تي جيڪا تجلي پوي ٿي، ان جو تعارف ڪرايو ويندو ۽ ان جي ذريعي عرش عظيم جي تجلي جو جلوو ڏسندو. قيامت جي ڏينهن انسان پنهنجي پالڻهار جو حظيرة القدس ۾ ديدار ڪندو. بشرطيڪ انهيءَ منزل تائين پهچي چڪو هوندو ۽ اها پهچ هڪ تمام وڏي نعمت آهي. انبياءِ ۽ سندن طريقي جا داعي يا اولياءِ ۽ حڪماءَ حظيرة القدس جا اصحاب اليمين آهن، جن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ آيل آهي.

(ٿ) 1. نفس ڪليه واري تجلي اعظم جو نالو آهي "الله" 2. جسماني تجلي جي عرش جو نالو آهي "الرحمان" 3. حظيرة القدس جي امام نوع انسان جي قلب تي جنهن تجلي جو پرتو پوي ٿو، ان جو نالو آهي "الرحيم".

هن الرحيم جا شعاع هر هڪ انسان جي قلب تي پنهنجو عرش ٺاهين ٿا. تنهن ڪري هر هڪ انسان سان الرحيم جي شعاع جو ڪو نه ڪو تعلق هوندو ۽ هر هڪ انسان جي عملن جو الرحيم جو شعاع حساب وٺندو. يعني جڏهن الرحيم جي تجلي جو بسيط يا پورو ظهور ٿيندو، تڏهن ان جو نالو ٿيندو "مالڪ يوم الدين" اهو ئي راز آهي جو سورة فاتحه (الحمد) کان سواءِ نماز ئي نه ٿيندي آهي.

4. رب العالمين جي عالمن مان مراد عالمن يا جهانن جا دروازا آهن، جن جو ذڪر تي آيو آهي ۽ حظيرة القدس ۽ عالمين جو نالو اقوام آهي. يعني رب الاقوام !

نوٽ: حضرت العلامه الامام سنڌي مدظله العالي سخت بيماري جي حالت ۾ هن مضمون جا نوٽ لکرايا هئا، هنن کي صاف ڪري ڪاتب جو حوالي ڪيو ويو ته سندن علالت جا دورا بلڪل وڌي ويا، جنهن کان پوءِ دارالرشاد گوٺ پير جهنڊي ڏانهن ڪراچي مان روانا ٿي ويا ۽ انهيءَ سفر ۾ خاڪسار به ساڻ هو. الله تعاليٰ ڪين صحت بخشي ته باقي مضمون مڪمل ڪيو ويندو.

*(سهيڙيندڙ: مولانا دين محمد وفائي، مدير توحيد ڪراچي)*

**قرآن جي تعليم انقلاب جي تعليم**

تبديلي ۽ ڦيرڦار جي چڪتاڻ جو سلسلو ايترو ته وسيع آهي، جو ڪائنات جو ڪو به حصو ان کان بچيل نه آهي. بي جان مادي جي طبعي ڦيرڦار کان وٺي، حيوانات جي بقا لاءِ جدوجهد (Struggle for Existence) تائين هر جڳهه هي سلسلو ڦيرڦار جي ڪري ئي نظر اچي ٿو. حيوانن ۾ جيئن جيئن سمجھ ۽ عقل وڌندو رهي ٿو، تيئن تيئن حياتيءَ جي چڪتاڻ منجهيل صورت اختيار ڪندي وڃي ٿي. ايتري تائين جو انسانن ۾ معمول واري جيئڻ جي چڪتاڻ، ان کان وڌي جهاد في سبيل الله يعني اصولن جي خاطر جنگ جي منزل تائين پهچي وڃي ٿي.

انساني سوسائٽي ۾ هڪ طبقو ٻئي طبقي تي غلبو حاصل ڪري، ان طبقي جو ناجائز استحصال (Exploitation) شروع ڪري ٿو. هيٺو طبقو، ڪمزور هئڻ ڪري سگهاري يا حاڪم طبقي جو مقابلو نٿو ڪري سگهي ۽ ويتر ڪمزور ٿيندو رهي ٿو. پوءِ هڪ حد اهڙي ضرور اچي ٿي جتي اهو طبقو وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهي ۽ حاڪم جي خلاف جدوجهد شروع ڪري ٿو. اها جدوجهد ٻه صورتون اختيار ڪري ٿي. (1) ارتقائي جدوجهد هن مرحلي ۾ ڏوهاري طبقي جي سڌارڻ جي ڪوشش رکڻ واعظ ۽ نصيحت سان ڪئي ويندي آهي. (2) انقلاب: انقلاب جو طريقو هيءُ ٿيندو آهي، جو خرابي پيدا ڪندڙ حاڪم- پارٽي جي خلاف ڪو مفڪر، دعوت ۽ تبليغ شروع ڪندو آهي. هو هڪ اهڙي جماعت تيار ڪندو آهي، جيڪا پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه، جان مال، مٽ مائٽ مطلب ته هر پياري شيءَ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندي آهي.



**محمد انس راڄپر**

# ذي القربيٰ جا حق

انسانن ۾ جيڪي جيڪي بيماريون پيدا ٿينديون آهن، معاشي، سماجي، اخلاقي، انهن کي نبي سڌارڻ لاءِ مبعوث ٿيندا آهن. نبي ڪريم ﷺ جي زماني ۾ عرب جا ماڻهو توڙي ٻي دنيا جا انسان شرڪ جي بيماريءَ ۾ ورتل هئا. انهن کي توحيد ۽ الله جي عبادت جي تعليم ذريعي سڌارڻ ڪرڻ لاءِ نبي ﷺ مبعوث ٿيا. ماڻهو خود غرضي، لالچ، زرپرستي ۽ سرمائي طلبيءَ جي حوس ۾ والدين جا حق، مٽين مائٽين، رشتيدارين جا حق، غريبن ۽ مسڪينن جا حق وساري ويٺا ته نبي ﷺ جن انهن کي اهي حقن ياد ڏياريا.

الله جي وحدانيت جي تعليم کان پوءِ حسن سلوڪ جي معاملي ۾ الله تعاليٰ ماءُ پيءُ سان حسن سلوڪ کانپوءِ مٽن مائٽن سان حسن سلوڪ کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي، بني اسرائيلن جي عهد جو ذڪر ڪندي الله فرمايو:

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ ۣ وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ
(البقره. 83)

(جڏهن الله تعاليٰ بني اسرائيلن کان عهد ورتو ته: عبادت صرف الله جي ڪيو. والدين، مائٽن، يتيمن ۽ مسڪينن سان سهڻو سلوڪ ڪيو.)

ٻئي هنڌ الله تعالي ساڳيءَ طرح توحيد ۽ والدين سان حسن سلوڪ جي ذڪر ۽ يتيمن ۽ مسڪينن جي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ پاڙي وارن سان حسن سلوڪ جو ذڪر ڪيو آهي، ته ان ۾ به مائٽ پاڙيسرين جو الڳ ۽ پرسان رهندڙ پاڙيسرين جو الڳ ذڪر ڪيو آهي:

وَاعْبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـــًٔا وَّبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّبِذِي الْقُرْبٰى (النساء: 36)

(الله جي عبادت ڪيو، ان سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪريو والدين سان سهڻو سلوڪ ڪيو، مائٽن، يتيمن، مسڪينن، پاڙيسري مائٽن ۽ اجنبي پاڙيسرين، پاسي ۾ هلندڙ ساٿي ۽ مسافر ۽ غلامن سان سٺو سلوڪ ڪيو بيشڪ الله تعاليٰ آڪڙ ڪندڙ ۽ وڏائي ڪندڙ کي پسند نه ڪندو آهي. آڪڙ ڪندڙ ۽ وڏائي ڪندڙ پاڻ به بخل ڪن ٿا ۽ ٻين کي به بخل جو مشورو ڏين ٿا.)

هن آيت مان حسن سلوڪ جي تعليم جي سبق سان گڏ جڏهن الله تعاليٰ آڪڙ ڪندڙ ۽ وڏائي ڪندڙ سان محبت نه ڪرڻ ۽ انهن جي بخل ڪرڻ ۽ ٻين کي به بخل جو مشورو ڏيڻ جو ذڪر ڪيو آهي ته ان مان معلوم ٿئي ٿو ته حسن سلوڪ جو تعلق صرف روپي سان نه پر مال خرچ ڪرڻ سان به آهي. يعني پاڙيسري ۽ مٽن مائٽن سان حسن سلوڪ رکو اهو ناهي ته انهن سان رويو سٺو هجي: پر ان سان گڏ انهن تي پنهنجي مال مان خرچ ڪرڻ به حسن سلوڪ جو حصو آهي. الله تعاليٰ ٻئي هنڌ هن طرح حڪم فرمايو آهي:

وَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا (بني اسرائيل: 26)

(ذي القربيٰ (مائٽ) مسڪين ۽ مسافرن کي انهن جو حق ڏيو ۽ اجايو خرچ نه ڪريو.)

هن ۾ اجايو خرچ نہ ڪرڻ ۽ حق جي لفظن واضح ڪري ڇڏيو تہ انهن تي مال خرچ ڪرڻ ئي حسن سلوڪ آهي بئي هنڌ الله تعاليٰ حڪم فرمايو آهي:

إِنَّ اللَّهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْإِحْسَانِ وَإِيتَاءِ ذِي الْقُرْبَىٰ وَيَنْهَىٰ عَنِ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنكَرِ وَالْبَغْيِ ۚ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُونَ ﴿٩٠﴾ (النحل: 90)

(بيشڪ الله عدل، احسان ۽ مائٽن کي ڏيڻ جو حڪم ڪيو آهي.)

هن آيت ۾ "ايتاء" جو حڪم فرمايو ويو آهي ۽ "ايتاء" جي حڪم ۾ ٻين مصرفن کي ڇڏي صرف "ذي القربىٰ" جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ٻئي هنڌ الله تعاليٰ اجا بہ وڌيڪ واضح لفظن ۾ "ذوي القربىٰ" کي مال ڏيڻ جو ذڪر فرمايو آهي:

لَيْسَ الْبِرَّ أَن تُوَلُّوا وُجُوهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ وَلَٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَالْمَلَائِكَةِ وَالْكِتَابِ وَالنَّبِيِّينَ وَآتَى الْمَالَ عَلَىٰ حُبِّهِ ذَوِي الْقُرْبَىٰ وَالْيَتَامَىٰ وَالْمَسَاكِينَ وَابْنَ السَّبِيلِ وَالسَّائِلِينَ وَفِي الرِّقَابِ وَأَقَامَ الصَّلَاةَ وَآتَى الزَّكَاةَ وَالْمُوفُونَ بِعَهْدِهِمْ إِذَا عَاهَدُوا (البقره: 177)

(نيڪي اها ناهي تہ اوهان پنهنجي منهن اوڀر يا اولهہ ڏانهن ڦيريو. بلڪ نيڪي آهي: الله تي ايمان آڻڻ، آخرت، ملائڪن، ڪتاب ۽ نبين تي ايمان آڻڻ ۽ الله جي محبت مان مائٽن، يتيمن ۽ مسڪينن، مسافرن ۽ ضرورت مندن، کي مال ڏيڻ، نماز قائم ڪرڻ، زڪوات ڏيڻ ۽ عهد وفا ڪرڻ.)

هن آيت ۾ ايمانيات سان گڏ "انفاق" (مال خرچ ڪرڻ) جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ۽ "انفاق" جا مصرف ٻڌايا ويا آهن. جن ۾ سر فهرست 'ذي القربىٰ' جو ذڪر آهي. قرآن ۾ الله تعاليٰ هڪ هنڌ "انفاق" بابت سوال جي جواب ۾ فرمايو آهي:

يَسْأَلُونَكَ مَاذَا يُنفِقُونَ ۖ قُلْ مَا أَنفَقْتُم مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْأَقْرَبِينَ وَالْيَتَامَىٰ وَالْمَسَاكِينِ (البقره: 177)

(توکان پڇن ٿا تہ ڇا خرچ ڪن، چئو جيڪو چڱو خرچ ڪريو، سو والدين، مائٽن، يتيمن ۽ مسڪينن لاءِ آهي)

الله تعاليٰ مسلمانن جي دولت مندن ۽ صاحب فضل ماڻهن کي تلقين ڪندي فرمايو آهي:

وَلَا يَأْتَلِ أُولُو الْفَضْلِ مِنكُمْ وَالسَّعَةِ أَن يُؤْتُوا أُولِي الْقُرْبَىٰ وَالْمَسَاكِينَ وَالْمُهَاجِرِينَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ ۖ (النور: ٢٢)

(اوهان مان فضل ۽ ڪشادگيءَ وارن کي نہ ٿو جڳائي تہ مائٽن، مسڪينن ۽ الله جي رستي ۾ هجرت ڪرڻ وارن کي ڏيڻ کان رڪجن.)

قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ ڪوڙ جاين تي 'ذالقربىٰ' کي ڏيڻ ۽ انهن تي مال خرچ ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. الله تعاليٰ صدقات (زڪوات) جو مصرف جيڪو قرآن شريف ۾ ذڪر فرمايو آهي. ان ۾ 'ذي القربىٰ' کي شامل نہ ڪيو آهي. ظاهر آهي تہ قرآن ۾ جتي بہ 'ذي القربىٰ' کي ڏيڻ ۽ انهن تي خرچ ڪرڻ جو ذڪر ٿيل آهي. اتي غريب ۽ مسڪين 'ذي القربىٰ' مراد آهن. مالدار ناهن. مصارف زڪوات ۾ جڏهن الله تعاليٰ فقراء ۽ مساڪين جو ذڪر ڪيو آهي تہ ان ۾ غريب ۽ مسڪين مائٽ هوڻ بہ شامل ٿي ٿا وڃن، ان ڪري انهن جو الڳ ذڪر نہ ڪرڻ، انهن کي زڪوات کان خارج نہ ٿو ڪري. پر تمام گهڻين جڳهين تي انفاق ۽ ڏيڻ جي حڪم ۾ مسڪينن ۽ غريبن سان گڏ الڳ طور "ذي القربىٰ" (مائٽن) جو ذڪر ڪرڻ ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ الله 'ذي القربىٰ' بابت خاص طور توجهہ ڇڪائڻ گهريو آهي. شايد ان ڪري تہ معاشري جي عام برائي آهي تہ ماڻهن خوشحالي جي وقت اڪثر مائٽن کي نظر انداز



ڪري ڇڏيندا آهن. هڪ هنڌ الله تعاليٰ يتيمن سان گڏ مائٽ يتيمن کي ڪارائڻ جو الڳ ذڪر ڪيو آهي ۽ ان کي اهڙي اهميت سان ذڪر ڪيو آهي جهڙوڪ الله تعاليٰ ان کي دين جو بنيادي ۽ اهم مقصد قرار ڏنو آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَهَدَيْنَاهُ النَّجْدَيْنِ ﴿١٠﴾ فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ﴿١١﴾ وَمَا أَدْرَاكَ مَا الْعَقَبَةُ ﴿١٢﴾ فَكُّ رَقَبَةٍ ﴿١٣﴾ أَوْ إِطْعَامٌ فِي يَوْمٍ ذِي مَسْغَبَةٍ ﴿١٤﴾ يَتِيمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ﴿١٥﴾ أَوْ مِسْكِينًا ذَا مَتْرَبَةٍ ﴿١٦﴾ (البلد. ١٠ کان ١٦)

(اسان انسان کي بہ رستا ڏيکاريا آهن. پوءِ اهو چاڙهي چڙهي نہ سگهيو، توکي خبر آهي تہ چاڙهي ڇا هي؟: غلام آزاد ڪرڻ ۽ بک جي ڏينهن ۾ مائٽ يتيمن ۽ مٽيءَ هاڻن مسڪينن کي ڪارائڻ.)

ايتري تائين جو ورثي جي تقسيم وقت جيڪي مائٽ ورثي ۾ حصيدار نہ ٿا ٿين، پر اچي حاضر ٿين ٿا تہ الله تعاليٰ انهن کي بہ ورثي مان ڪجهہ ڏيڻ جو حڪم فرمايو آهي:

وَإِذَا حَضَرَ الْقِسْمَةَ أُولُو الْقُرْبَىٰ وَالْيَتَامَىٰ وَالْمَسَاكِينُ فَارْزُقُوهُم مِّنْهُ وَقُولُوا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوفًا (النساء: 8)

(ورثي جي تقسيم وقت جڏهن مائٽ، يتيم ۽ مسڪين حاضر ٿين تہ انهن کي بہ ان مان رزق (حصو) ڏيو ۽ انهن کي چڱي ڳالهہ چئو)

هيءُ جيترين بہ آيتون ذڪر ٿيون انهن ۾ ذي القربىٰ، (مائٽن) بابت خاص هدايتون جيڪي ذڪر ٿيون، انهن ۾ "ذي القربىٰ" مان مطلق مائٽ مراد آهن. يعني هر هڪ ايمان واري جا مائٽ، هدايتن جو مطلب آهي تہ هر مؤمن پنهنجي مائٽن جي حقن جو خاص طور تي خيال رکي. انهن سان سٺو پيش اچي ۽ پنهنجي مال مان انهن تي خرچ بہ ڪري. مٿي ذڪر ٿيل آيتن کان علاوه قرآن ۾ ٻيون بہ ڪوڙ آيتون آهن جن ۾ 'ذي القربىٰ' مان مراد مطلق مائٽ آهن. جهڙوڪ: سورة مائده جي آيت نمبر: 106، سورة الانعام جي آيت نمبر 152، سورة توبہ جي آيت نمبر 113، سورة فاطر آيت نمبر: 18. ڪن جاين تي اقربين جو لفظ 'مائٽن' لاءِ استعمال ٿيو آهي جهڙوڪ: نساء: 135 ۾ ۽ هڪ بہ مثال مٿي ذڪر ٿيل آيتن ۾ بہ ڏسي سگهجن ٿا. هي سڀ آيتون الله تعاليٰ وٽ مائٽيءَ جي حقن جي اهميت تي دلالت ڪن ٿيون. صرف بہ آيتون اهڙيون آهن جن ۾ "ذي القربي" مان مطلق مائٽ نہ بلڪ رسول الله ﷺ جامائٽ مراد ورتا ويا آهن. هڪ آيت سورت انفال جي آهي جنهن ۾ مال غنيمت جا مصرف بيان ڪيا ويا آهن ۽ هڪ آيت سورت الحشر جي آهي جنهن ۾ مال "فيء" جا مصرف ٻڌايا ويا آهن. باقي هر جڳهہ تي قرآن ۾ "ذي القربي" مان مطلق مائٽ مراد ورتا ويا آهن. جن سڀني آيتن جو خلاصو اهو آهي تہ هر مومن پنهنجي پنهنجي مائٽن جي حقن جو لحاظ رکي. انهن سان سٺو پيش اچي ۽ پنهنجي مال مان انهن تي خرچ ڪري. ان ڪان سواءِ مائٽيءَ بابت لفظ 'ارحام' بہ قرآن شريف ۾ استعمال ٿيو آهي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَأُولُو الْأَرْحَامِ بَعْضُهُمْ أَوْلَىٰ بِبَعْضٍ فِي كِتَابِ اللَّهِ ۗ (انفال: 75)

(الله جي ڪتاب (قانون) ۾ مائٽ اوهان مان هڪٻئا ٻين لاءِ وڌيڪ اهميت وارا آهن.)

ٻئي هنڌ ساڳيا لفظ سورة احزاب آيت: 6 ۾ بہ آيل آهن. جنهن ۾ الله تعاليٰ ٻين مسلمانن جي مقابلي ۾ مائٽن جي حقن کي وڌيڪ اهميت وارو قرار ڏنو آهي، هڪ هنڌ الله تعاليٰ مائٽي جي معاملي ۾ احتياط ۽ ڊڄ ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي. تہ ڪٿي مائٽن جي معاملي ۾ غفلت ڪري مائٽيون ٽوڙي نہ وجهو، الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَالْاَرْحَامَ (نساء: 1)

(الله کان، جنهن جي نالي هڪ ٻئي کان سوال ڪندا آهيون ۽ مائٽين ڇنڻ کان ڊڄو.)

مائٽيءَ جو الله وٽ ايترو وڏو مقام آهي، جو الله مؤمنن کي ان بابت سخت تاڪيد ڪري ٿو ته مائٽين جو مڪمل لحاظ رکو. ايترو لحاظ رکو الله جو رکبو آهي. مائٽين ڇنڻ کان ايترو ڊڄو جيترو اللاه کان ڊڄبو آهي. ٻئي هنڌ، مائٽين ڇنڻ کي الله تعاليٰ منافقن ۽ مشرڪن جو شيوو قرار ڏنو آهي، فرمائي ٿو:

فَهَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ تَوَلَّيْتُمْ اَنْ تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَ تُقَطِّعُوْٓا اَرْحَامَكُمْ (محمد: ٢٢)

(جيڪڏنهن اوهان (منافقن ۽ مشرڪن) کي ولايت ۽ حڪومت ملي وڃي ته جلد ئي زمين ۾ فساد برپا ڪندؤ ۽ مائٽيون ڇنڻ ۾ دير ئي نه ڪندؤ.)

بخاري شريف ۾ جبير بن معطم کان مروي آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي: ”لايدخل الجنة قاطع“ (رشتيداري ٽوڙيندڙ جنت ۾ داخل نه ٿيندو) بخاري ابو هريره ۽ انس بن مالڪ کان روايت نقل ڪئي آهي ته: جيڪو رزق جي ڪشادگي گهري تنهن کي صله رحمي ڪرڻ (مائٽي ڳنڍڻ) گهرجي“. ٻي روايت آهي ته: الله تعاليٰ فرمائي ٿو، جيڪو مائٽي جوڙيندو ان سان آءٌ جوڙيندس جيڪو مائٽي ڇنندو ان سان مان ڇنندس“. پهرين وحي وقت نبي ﷺ جن کي حضرت خديجه تسلي ڏيندي فرمايو: انک لتصل الرحم“ (تون مائيٽيون جوڙڻ وارو آهين) هن مان ثابت ٿيو ته نبي ﷺ وحي ملڻ کان اڳ به مائٽيون ڳنڍڻ جي خصلتن جا صاحب هئا. هيءُ سڀ حديثون ۽ آيتون ٻڌائن ٿيون ته دين اسلام ۾ مائٽي جوڙڻ، مائٽيءَ جي حقن جو لحاظ ڪرڻ هڪ تمام اهم باب آهي. ان جي اسلام جي معاشرتي نظام ۾ خاص ۽ تمام وڏي اهميت آهي. ان ئي اهميت جي پيش نظر الله تعاليٰ نبي ﷺ جن کي فرمايو

قُلْ لَّآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى (شوريٰ: 22)

(اي نبي تون چئو: آءٌ ان تي اوهان کان ڪو به اجر نه ٿو گهران صرف مائٽن ۾ محبت گهران ٿو.)

يعني مائٽيون ڇنو نه، انهن کي جوڙيو ۽ مائٽن سان محبت ڪيو، اهو منهنجو اجر آهي. هن مان ثابت ٿئي ٿو ته مائٽين ۾ محبت رسول الله ﷺ جن جي دعوت جو هڪ اهم مقصد آهي، جنهن جو حصول جهڙوڪ دين جي اهم مقصد جو حصول آهي. حقيقت به اهائي آهي ته اسان مان هر هڪ مائٽن جي حقن جو لحاظ رکي، مائٽن جي هر تڪليف ۾ مدد ڪرڻ لڳي ته هوند اسان جو معاشرو جنت نظير بنجي پوي. ڇو ته اسان مان هر هڪ ماڻهو هڪ لحاظ کان ڪيترن ئي ماڻهن جو هڪ ئي وقت ۾ مائٽ هوندو آهي ۽ ڪيترا سندس مائٽ هوندا آهن. اهي سڀ مائٽ هِن جو ۽ هيءُ انهن سڀني جو خيال ڪري ته اسان مان ڪو به ماڻهو ڏکيو نه رهي. سک ۽ سڪون، امن ۽ محبت ميسر ٿي وڃن. رسول الله ﷺ جن دعوت ڏيڻ شروع ڪئي، تڪليفون سٺيون، مشڪلاتون ڏٺيون، دشمنيون پرايون، پنهنجا مٽ ۽ عزيز سندس ويري ٿي پيا، ڪين ان جو ٻيو ڪوبه اجر گهربل نه هو. نه دولت، نه اقتدار ۽ نه ڪو ذاتي غرض. بس صرف ايترو گهربل هو ته مائٽن ۾ محبت قائم ڪريو، ته جيئن ڪو به انسان بي يارو مددگار نه رهي. ڪوبه انساني فرد مشڪلاتن ۽ پريشانين ۾ به سهارا نه رهي. ان جا مائٽ، مائٽيءَ جو حق سمجهي ان جو سهارو ۽ پرجهلو بنجن. اهو اهڙو مقصد آهي جيڪو حقيقت ۾ دين جي دعوت جو تمام وڏو ۽ اهم



مقصد آهي. ڪي اسان جا ڀائر مت موڙهيل 'مودة في القربيٰ' مان رسول الله ﷺ جي مائٽن جي محبت مراد وٺندا آهن. يعني صرف بنو هاشم ۽ بنو عبدالمطلب. ڇا اها ڳالهه مائٽين ڳنڍڻ جي خصلت جي عڪاسي ٿي ڪري!! ته رسول الله ﷺ جن صرف پنهنجي ڏاڏي ۽ هڪ چاچي جي طرفان مائٽن جي محبت گهرن، ٻين چاچن ۽ ٻين ڏاڏن جي اولاد جي محبت جي گهر نه ڪن. حالانڪ ”مودة في القربيٰ“ واري آيت سورة ”شوريٰ“ جي آهي، جيڪا سورة مڪي آهي. ۽ نبي ﷺ جن جي مڪي زندگيءَ جي به شروع دعوت جي زماني جي آهي، جڏنهن نبي ﷺ جن جي نياڻي حضرت فاطمة الزهرا جي حضرت علي ؓ عنه سان شادي به ڪانه ٿي هئي. ۽ ان وقت نبي ﷺ جن جي مائٽن کي ڪا تڪليف خاص طور درپيش به ڪانه آئي هئي جو پاڻ ﷺ قريشن ۾ دعوت لاءِ اٿن ته مان اوهان کان پنهنجن مائٽن سان محبت جو سوالي آهيان. هيءُ ته اهو دور هو جڏنهن نبي ﷺ تي ايمان آڻڻ واري صحابه جي هڪ مختصر حماعت سخت آزمائشون سهي رهي هئي. انهن لاءِ ته نبي ﷺ جن ڪنهن کان رحم ۽ محبت جي خيرات ڪانه گهري!! پوءِ صرف پنهنجي مائٽن سان محبت جو اجر ڇو گهرندا!!! بلڪ هيءُ ته اهو وقت هو جڏنهن کين پنهنجي مائٽن کي ڊيڄارڻ جو حڪم مليو: ”واندر عشيرتک الاقربين“ (پنهنجي مائٽن کي ڊيڄار) (شعرا: 214)

موقعو هجي ها ته آءٌ 'عشيرت' جي حوالي سان به بحث ڪيان هان. نبي ﷺ ته مڙني قريش کي 'يا معشر قريش' ڪري سڏيندا هئا. معشر جي معنيٰ صرف قبيلو ئي نه هوندي آهي؛ پيءُ جي طرفان مائٽ به ان جي معنيٰ هوندي آهي. قبيلو هڪ ئي پيءُ جي گهٽين شاخن جي ميڙ کي چئبو آهي. مائٽي ڳنڍڻ ۽ صله رحميءَ جي تقاضا ته اها آهي ته پوري قبيلي جي مائٽين کي جوڙجي، ائين نه ته صرف بنو هاشم ۽ بنو عبدالمطلب کي مائٽ قبول ڪري ٻين کان ٽوڙجي. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ بنو هاشم ۽ بنو عبدالمطلب جي محبت جو ذڪر نه ڪيو آهي بلڪ قرآن ۾ ته الله تعاليٰ 'لايلاف قريش' ۾ قريش کي محبت جي نعمت سان نوازڻ جو ذڪر ڪيو آهي. آخري نتيجي جي طور الله تعاليٰ مڙني مسلمانن ۽ انهن جي قبيلن جي پاڻ ۾ ڀائر ٿيڻ جي نعمت جو ذڪر ڪيو آهي: فاصبحتم بنعمته اخوانا“. بهرحال ”مودت في القربي“ مان مراد قرآن جي ڪوڙ آيتن جي تناظر ۾ اها آهي ته هر مؤمن پنهنجي مائٽن سان محبت ڪري، انهن سان سٺو سلوڪ ڪري ۽ انهن جي حقن جي ادائگي ڪري. انهن تي ڪو ڏکيو وقت اچڻ نه ڏئي.

> صرف ماڻهن جي گهڻائي سان هڪ جانثار هٿيار بند فوج ٺهجي نٿي سگهي، جيستائين انهن ۾ واحد قوميت جو روح پيدا نٿو ٿئي ۽ انهن ۾ اتحاد ۽ اتفاق ۽ هڪ ئي مقصد کي حاصل ڪرڻ جو مقصد نه هجي. جيڪي حڪومتون ظلم، ڏاڍ ۽ جبر سان ڪنهن قوم جي جهاد جي جذبي کي ختم ڪرڻ چاهينديون آهن، اهي سڀ کان پهريائين سياسي فريب جي ذريعي منجهن ڏڦير، بغض، ڪينو ۽ هڪ ٻئي سان انتقام جو ناپاڪ روح پيدا ڪري سندن هيڪڙائي کي ڇيهو رسائينديون آهن ۽ پوءِ اها قوم آهستي آهستي فنا ٿي ويندي آهي.
>
> *(مولانا ابوالڪلام آزاد، صدين جون صدائون، ص 89)*

نور احمد ميمڻ

## پنهنجو پاڻ سڃاڻو

هر مرد ۽ عورت لاءِ هن دنيا ۾ پهريون ڪم هي آهي ته هو پنهنجو پاڻ کي ڳولهي وٺي. هو اها ڳالهه ڄاڻي وٺي ته مان ڪير آهيان؟ هن دنيا ۾ ڇا لاءِ آيو آهيان؟ منهنجي زندگيءَ جي منزل ڇا آهي اهائي ڄاڻ ۽ دريافت آهي جتان ماڻهوءَ لاءِ زندگيءَ جي حقيقي سفر جي شروعات ٿئي ٿي. جڏهن اها دريافت ٿي وئي ته پوءِ انسان جو جيڪو به عمل هوندو سو خوبي ۽ سندرتا وارو هوندو. علي ابن ابي طالب جو هڪ قولِ آهي ته ”قيمة المرء مايحسنه“ يعني ڪنهن انسان جو ملهه ان جي ان عمل سان آهي، جنهن کي هُن خوبي (excellence) سان سر انجام ڏنو.

حقيقت هي آهي ته هر انسان جي هڪ سندرتا ۽ ايڪسيلينس هوندي آهي. هر انسان فطري طور تي ڪا اهڙي سندرتا ۽ صلاحيت ڪٺي پيدا ٿيندو آهي، جنهن ۾ هو خصوصي ملڪو رکندو هجي. ماڻهوءَ جو ڪم هي آهي ته هو فطرت جي ڏنل پنهنجي انهيءَ خصوصي عطا ”مايحسنہ“ (excellence) کي دريافت ڪري وٺي ۽ پوءِ ان جي مطابق، هو پنهنجي عملي زندگيءَ جي رٿا بندي جوڙي. جيڪڏهو هو سٺو استاد آهي ته هو پنهنجي ان فيض کي وڌ کان وڌ انسانن تائين پهچائي ۽ پنهنجي شاگردن کي بلندين جي طرف روان دوان ڪري. جيڪڏهن هو ڪنهن شعبي جو پروفيشنل آهي ته ان شعبي ۾ ديوانگيءَ جي حد تائين پنهنجي محويت ڏيکاري، خلق خدا جي لاءِ اهنجن ۽ ڏکيائيون دور ڪرڻ جو سبب بڻجي. جيڪڏهن هو اڳواڻي جي لياقتن سان ڀرپور آهي ته هو پاڻ کي ميسر حالتن ۾ بلند نگاهه، دليون موهيندڙ گفتن ۽ جاکوڙي جذبي ۽ عمل سان ليڊر جون ذميواريون نڀائي. جيڪڏهن هو ڀلوڙ ورڪر آهي ته پاڻ ارپڻ ۽ خود حوالگيءَ جو مثال بڻجي پنهنجي ساٿ سان ساٿ نڀائي. مطلب ته هر حيثيت ۾ ماڻهو پنهنجي لياقتن ۽ مهارتن کي خوب تر نتيجن جي لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو. هن دنيا ۾ ڪنهن لاءِ اعليٰ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو اهو ئي واحد طريقو آهي.

عام طرح ڏٺو ويو آهي ته گهڻا ماڻهو وڏيڪ وڏي ڪاميابي حاصل ڪري نه ٿا سگهن. انهيءَ جو سڀ کان وڏو ڪارڻ اهوئي آهي ته هو پنهنجي سندرتا (excellence) دريافت نٿا ڪري سگهن. هو پنهنجو پاڻ کي اهڙي ڪم ۾ لڳائي ڇڏين ٿا، جنهن لاءِ هو پيدا ئي نه ڪيا ويا هئا. ۽ پوءِ سڄي زندگي مايوسيءَ جو شڪار رهن ٿا ۽ آخر ڪار ان ئي پيڙا ۾ مري کپي وڃن ٿا.

خلقڻهار هر انسان کي ڪنهن وڏي ڪم لاءِ پيدا ڪيو آهي، پر عام طور تي حالت اها آهي، جو ماڻهو انهيءَ وڏي ڪم کي ڪري ڪونه ٿا سگهن. هو ننڍڙين ڪاميابين ۾ ڦاسجي وڃن ٿا ۽ وڏي ڪاميابيءَ تائين رسڻ کان رهجي وڃن ٿا. انهيءَ الميي (tragedy)کان بچڻ صرف انهيءَ انسان لاءِ ممڪن آهي، جيڪو پنهنجو بي رحماڻو محاسبو ڪرڻ لاءِ تيار هجي ۽ انسان محاسبي کان پوءِ وري هڪ نئين زندگيءَ جو آغاز ڪري، جنهن ۾ هو پنهنجي سندرتا (Excellence) کي وڌ کان وڌ استعمال ڪري رهيو هجي.



مولانا عبد اللطيف نانگراج

## رحمۃ للعالمين جي مثالي زندگيءِ سندن تعليم

پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم رحمت جو سج بڻجي هن دنيا جي تختي تي طلوع ٿيا. سندن پوري زندگي رحمت جو پيغام ڏيندڙ آهي. سندن حيات مبارڪ تي لکجي ته هر شي ۾ رحمت ئي رحمت پئي جهلڪندي. سندن پروگرام پورو رحمت آهي. پر هتي اسين سندن عطا ڪيل اقتصادي نظام ۽ معاشي زندگيءَ ۾ رحمت جي پالوٿ جي ڪجھ جهلڪين کي پيش ڪرڻ چاهيون ٿا.

اقتصادي ۽ معاشي زندگيءَ جي حوالي سان جيڪڏهن رحمۃ للعالمين جي زندگي ۽ پروگرام جو مطالعو ڪيو وڃي ته سندن تعليم ۾ ”انفاق“ ۽ ”احسان“ جي جهلڪ چٽيءَ طرح نظر ايندي. معاشي زندگي ۾ سندن تعليم ۽ عمل اسان کي سبق ڏئي ٿو ته هرهڪ انسان هڪ ٻئي سان مدد ڪري، هڪ ٻئي کي پنهنجو ڀاءُ سمجهي، ان جي ضرورت کي پنهنجي ضرورت سمجهي ڪري پورو ڪري، هڪ ٻئي جي خدمت ۽ ڀلائي جو جذبو اندر ۾ هر وقت زندهه هجي.

سندن تعليم آهي ته سڀ انسان هڪ جسم وانگر آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي به ڪا تڪليف پهچي يا ضرورت پئي ته ان تي مال خرچ ڪرڻ ائين آهي جيئن پنهنجو پاڻ تي.

پاڻ انفاق (خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ_ خدا جي ٻانهن جي ڀلائي لاءِ خرچ ڪرڻ) جي تمام گهڻي تلقين ڪندا هئا ۽ پنهنجي عمل سان ان جو عملي درس ڏئي ڪري ٻين ۾ رغبت ۽ ڀلائي جي جوش ۽ جذبي کي پڻ پيدا ڪندا هئا. سندن در تان ڪو به ضرورت مند هٿين خالي نه موٽندو هو، جيڪو به ڪا صدا هڻندو هو ته ان جي اها گهرج پوري ڪئي ويندي هئي. پاڻ وٽ ذخيرو نه ڪندا هئا، جيڪي ڪجھ هوندو هو، اهو خدا جي ٻانهن کي ڏئي ڇڏيندا هئا.

پر نه رڳو ٻين جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي تعليم ڏين ٿا، بلڪ ضرورت مند سان شفقت ۽ محبت جي رويي جو به سختي سان تاڪيد ڪن ٿا ۽ گڏوگڏ ضرورت مند کي ڏئي ڪري احسان جتلائڻ کان به تمام سختي سان منع ڪن ٿا. سندن درس آهي ته ضرورت مند کي ڏئي ڪري ڪو به مالدار ان تي ڪو ٿورو نٿو ڪري، بلڪ اهو ته ضرورت مند جو حق آهي، جيڪو هو پنهنجو وصول ڪري رهيو آهي.

انساني عقل هتي دنگ رهجي وڃي ٿو. ڇا ته رحمۃ للعالمين جي اقتصادي تعليم آهي، ته هڪ طرف مالدارن ۾ خيرخواهي ۽ همدرديءَ جي جذبن کي پيدا ڪري انهن کي خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ٿو وڃي ته ٻئي طرف سرندي وارن جي مال ۾ ضرورت مندن ۽ فقيرن کي به حق ڏئي ڪري انهن جي خودي ۽ عزت نفس جوتحفظ پڻ ڪيو وڃي ٿو. سرندي وارن کي ٻين ضرورت مندن تي خرچ ڪرڻ ائين ضروري آهي جيئن پنهنجن شخصي ۽ گهريلو ضرورتن تي. ۽ محتاج وري انهيءَ لاءِ نٿو وٺي ته مالدار سندس مٿان ڪو ٿورو ڪري رهيو آهي، بلڪ اهو ته سندس حق آهي، جيڪو الله جل شانہ مقرر ڪيو آهي.

انفاق سان گڏ احسان(نيڪيءَ جو اعليٰ معيار) بہ سندن معاشي تعليم جو بنيادي حصو آهي. يعني جيڪڏهن هنگامي حالتون پيش اچن يا غير معمولي ڪيفيت معاشري ۾ وجود ۾ اچي تہ ان وقت ضرورت ڪا وڏيڪ دولت عام ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪئي وڃي. مثلاً جيڪڏهن مالي فرائض ۽ واجبات جي ادا ڪرڻ ڪانپوءِ بہ سماج ۾ معاشي ابتري ۽ غير متوازن حالت رهي ٿي تہ ان وقت مالدارن تي اضافي ٽيڪس هڻي اعتدال جي فضا ڪي قائم ڪيو ويندو. ان ۾ بہ مالدار ٽورو نٿو ڪري، بلڪ اهو ٻين ڪي سندن حق پهچائي رهيو آهي. اهڙي طرح ڪا جنگ جي حالت ٿي پوي يا ڪا اهڙي ضرورت پيش اچي جنهن ۾ سڀني جو فائدو هجي يا اها اسڪيم سوسائٽي لاءِ اهميت رکندڙ هجي تہ ان صورت ۾ بہ مقرر ڪيل واجبات کان وڏيڪ ورتو ويندو. (ان باري ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم ۽ سندن اصحابن رضي الله عنهم جو عمل تاريخ ۾ محفوظ آهي.) جيڪو ٻين جي پرگھور نٿو لهي، ٻين جي مدد نٿو ڪري، ان ڪي پنهنجي پوئلڳن ۾ شمار نٿا ڪن. حضرت انس رضي الله عنہ جي روايت مطابق رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: ”ان انسان مون تي ايمان نہ آندو (منهنجي جماعت مان نہ آهي) جنهن جي پروارو ضرورت مند انسان بک ۾ رهيو ۽ هيءُ پاڻ پيٽ ڀري ڪري سمهي پيو، جڏهن تہ ان جي حاجت جي سندس ڪي خبر بہ هئي.“ (الطبراني في الڪبير)

پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي رحمت سندن جي اقتصادي پاليسي ۾ بہ واضح طور تي نظر ايندي. سندن جي دور ۾ قيصر ۽ ڪسريٰ بہ وڏيون معاشي قوتون هيون جيڪي استحصال ۽ جبرتي قائم هيون.

انهن ۾ پيسي جي بک، هڪ ٻئي کان مال ۾ اڳ ڪڍڻ ۽ ٻين جا حق غصب ڪرڻ جهڙا ڪڌا ڪم ۽ جذبا عام هئا. ويچاري عوام کان جانورن وانگي ڪم ورتو ويندو هيو. بخل، حرص، ساڙ ۽ ڪينو سوسائٽي جي مالدار طبقي جو شعار بڻجي چڪو هيو. انسانيت موت جي منهن ۾ وڃي پئي هئي. رڳو جهالت جي اونداهي ئي اونداهي هئي. عوام تمام گهٽڻ مصيبتن ۽ مشڪلن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هيو. پاڻ رحمت للعالمين ٿي ڪري آيا. پنهنجي رحمت جي پالوٽ ڪندي اهڙو تہ اقتصادي نظام ڏنائون جنهن ۾ نہ سرمائيدارانہ ظلم جي بوءِ هئي، نہ جاگيردارانہ نظام جون تباهہ ڪاريون. پاڻ دولت ڪي الله تعالي جي نعمت قرار ڏئي ڪري انفاق ۽ احسان سان ان جي شڪر ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنائون. مسابقت جي ماحول ڪي ختم ڪري رواداري ۽ هڪ ٻئي جي مدد ۽ خدمت ڪرڻ جو نظام جوڙيائون. پاڻ اهڙو تہ عدل ۽ تقوي جي بنياد تي سماجوادي معاشرو تشڪيل ڏنائون جنهن ۾ هرهڪ جي حقن جو تحفظ پئي ٿيو ۽ ان ۾ ٻنهي جهانن جي ترقي جو سامان انسانن لاءِ تيار ڪيائون. جڻ تہ حسنة في الدنيا ۽ حسنة في الآخره جو مهڪندڙ نظارو هيو ۽ اهڙن سڀني چور دروازن ڪي بند ڪري ڇڏيائون جنهن سان ڪنهن خاص ٽولي، جماعت يا قوم ڪي فائدو پهچي ۽ ٻيا خدا جي رحمت کان محروم رهجي وڃن.

بيشڪ سندن اهو نظام پوري انسانذات لاءِ رحمت آهي ۽ سڀني انسانن لاءِ ڀلائي ۽ ڪاميابي جو خدائي دستور. اهو رحمت للعالمين جو دنيا تي ڪيڏو وڏو احسان آهي جو پاڻ اهڙو تہ انسانيت جي ڀلائي جو نظام ڏنائون جو جنهن تي اڳتي هلي سندس پوئلڳن قيصر ۽



ڪسري جي ظالم شهنشاهي نظام ڪي ٽوڙي رحمت ڀريو نظام عطا ڪيو جنهن سان انسانيت ايڏي وڏي مصيبت کان آجي ٿي پئي.

اها سندن رحمت، شفقت جي ٻاجهہ هئي جو دنيا ۾ يدخلون في دين الله افواجا جي منظر جي صورت ۾ ظاهر ٿي. اهڙو معاشرو جنهن ۾ هرهڪ هڪ ٻئي سان محبت ۽ شفقت سان پيش اچي ٿو. هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ ۾ دل خوشي مان نہ ماپندي هئي. بيشڪ اهڙو ماحول معلم جي رحمت، محبت ۽ شفقت جي زندهہ تصوير آهي.

دنيا ۾ جيڪي بہ محتاج ٿي سگهن ٿا، پاڻ انهن ڪي بيان ڪري انهن لاءِ مختلف صورتن ۾ انفاق جا حڪم جاري ڪيائون. مٿن مائٽن جي مدد، پاڙيسرن جي پرگهور، يتيمن، مسڪينن ۽ قيدين جي خبر گيري، غلامن جي آزادي، مسافرن جي ضرورت پوري ڪرڻ، مقروضن جي قرضن جي ادائگي ڪرڻ تہ جيئن هو پنهنجن پيرن تي بيهي سگهن. مطلب تہ هر ضرورت مند ۽ حاجتمند جي باري ۾ الڳ الڳ انفاق جا حڪم جاري ڪيائون.

بيشڪ پاڻ صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن پنهنجي قول، عمل ۽ دستور سان اهڙو تہ اقتصادي ڍانچو تيار ڪري ڏيکاريو جنهن ۾ محبت ۽ خدمت جو جذبو ٺمڪندڙ پئي نظر آيو.

اڄ جي دنيا ۾ ڪيترائي پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جن تي ايمان جا دعويدار آهن، پر غور ڪيو وڃي تہ ڪيترا حقيقي عاشق ۽ مؤمن آهن. اڄ ڪيترائي عاليشان محلن ۾ رهندڙ، وڏين گاڏين ۾ سفر ڪندڙ ۽ دلفريب بيڊن تي سمهندڙ نظر اچن ٿا. ۽ انهن جي ئي خطي ۾ ڪيترائي انسان بڪايل، ڦٽ پاٿ تي سرد راتين ۾ ڪنهن رحمت ڀريي پيغام جا منتظر آهن.

بيشڪ اسان جيڪڏهن رحمت للعالمين جو رحمت ڀريو پيام ڪٽي نڪري پئون تہ ضرور دنيا يدخلون في دين الله افواجا جي منظر ڪي ڏسندي. جڏهن اهو رحمت جو نظام دنيا جي سيج ٻڻبو تہ بيشڪ محبت ۽ الفت جي خوشبو مهڪندي. هر طرف کان رحمت للعالمين جي صدا بلند ٿيندي ۽ هر چپ تي اللهم صل علي سيدنا و مولانا محمد و الٰہ وسلم جو ترانو ڳائبو رهبو!

## حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جا ڇپايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| انسانی شخصیت جی ترقی | 130/= | سیرت رسول کے عملی پہلو (مولانا ابوالکلام آزاد) | 150/= |
| قرآنی هدایت | 50/= | مجموعہ تفاسیر امام سندھی (مولانا عبیداللہ سندھی) | 300/= |
| تفسیر سورہ المزمل | 30/= | اسلام کیسے شروع ہوا؟ (مولانا عبدالواحد جامعی) | 35/= |
| تفسیر سورہ المدثر | 20/= | اسلام کیسے پھیلا؟ (مولانا عبدالواحد جامعی) | 45/= |
| تفسیر سورہ العصر | 20/= | نبی پاک کون تھے؟ (مولانا عبدالواحد جامعی) | 35/= |
| تفسیر سورہ الجمعہ والمنافقون | 20/= | قرآن پاک کیا ہے؟ (مولانا عبدالواحد جامعی) | 35/= |
| اُم الکتاب (مولانا ابوالکلام آزاد) | 200/= | ترجمان القرآن (مولانا ابوالکلام آزاد) | 300/= |
| قرآن کا مطالعہ کیسے کیا جائے (مولانا عبیداللہ سندھی) | 40/= | غیر متبدل قوانین الاہی (پروفیسر ڈاکٹر فاروق عزیز) | 250/= |
| قرآن کا مقدمہ (مولانا عبیداللہ سندھی) | 30/= | تفسیر فاروقی فی معارف القرآن (خواجہ عبدالحی فاروقی) | 500/= |
| جوامع السیرت ﷺ (مولانا محمد میاں) | 300/= | شرح حجتہ اللہ البالغہ (مولانا عبیداللہ سندھی) | 250/= |
| الوحی المحمدی (علامہ سید رشید رضا) | 250/= | مجموعہ اوراد و وظائف قرآنی (مولانا عبداللطیف) | 130/= |

نثار احمد پناھڻ ـ سکر

# انسان جي تلاش

انسان جي اندر هڪ عجيب خصوصيت آهي جيڪا ڪنهن ٻي مخلوق ۾ نہ آهي. اهو آهي اڻ ڪٽ تلاش جو جذبو. هر ماڻهو پيدائشي طور اهڙي تلاش جو جذبو رکي ٿو، جنهن کي هن حاصل نہ ڪيو آهي. ڪاٻہ حاصل ڪيل ڪاميابي ڪيس اجان بہ وڌيڪ طلب جي معاملي ۾ مطمئن نہ ٿي ڪري سگهي. ڪاٻہ ناڪامي ان جي اندر جي ان جذبي کي فنا نٿي ڪري سگهي. فلاسفر ان کي آئيڊيل جي طلب چوندا آهن.

ها آئيڊيل جي طلب سڀني انساني سرگرمين جي حقيقي محرڪ سگهہ آهي. اگر اها طلب نہ هجي تہ سڀ سرگرميون اچانڪ ٺپ ٿي وينديون. انساني ذهن جي اها زبردست طلب آهي، جنهن کي فرائڊ غلط طور جنسي خواهش سان تعبير ڪيو آهي. ايڊلران کي غلط طور تي طاقت جي حصول جي خواهش ڏيکاري آهي. ميڪ ڊوگل غلط طور چيو تہ اها انسان جي حيواني جبلتن جو مخلوط پراسرار نتيجو آهي. مراڪس ان کي غلط طور اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آ تہ انساني زندگي رڳو معاشي خواهش آهي ۽ اها ئي تمام سرگرمين کي ڪنٽرول ڪري ٿي. هاڻي ان توجيهات کي غلط قرار ڏيڻ لاءِ اهوئي ڪافي آهي تہ اهي شيون جن ماڻهن کي پوري طرح بہ مليون تہ بہ مطمئن نہ ٿي سگهيا. انهن جي اندرين هستي ساڳي طرح بي چين رهي جيئن ماڻهو شين جي حاصلات کان اڳ بي چين رهندو آهي.

انسان هزارن سالن کان پنهنجي آئيڊيل کي انهن شين ۾ تلاش ڪندو ٿو رهي، مگر ڪوبہ شخص اهو اطمينان حاصل ڪري سگهيو تہ هن پنهنجي تلاش جو مڪمل جواب حاصل ڪيو هجي. ان معاملي ۾ بادشاهہ ۽ امير بہ اوترو ئي مطمئن رهيا جيترو غريب ۽ مفلس ماڻهو. اهو ڏگهو تجربو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي تہ "نظر اچڻ واري" دنيا ۾ ماڻهو جي تلاش جو جواب موجود ناهي. ان جو جواب "نہ نظر اچڻ واري" دنيا ۾ آهي، جنهن کي ماڻهون محسوس تہ ڪري سگهي ٿو مگر ڏسي نہ ٿو سگهي.

حقيقت اها آهي تہ اڻ ڪٽ جي اها طلب خدا جي طلب آهي. ماڻهو جنهن آئيڊيل جي حاصلات لاءِ بي قرار رهندو آهي، اهو خود سندس خالق آهي. اهو در اصل خدا ئي آهي، جنهن لاءِ هر ماڻهو کي تڙپ آهي. اهو سندس روح ۾ سمايل آهي. هر ماڻهو فطرت تحت مسلسل خدا جي ڳولا ۾ رهندو آهي. هو پنهنجي اندروني جذبي تحت دنيا جي مختلف شين ڏانهن نهاري ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ شايد اهو ئي سندس تلاش جو جواب آهن. مگر جڏهن هو ان کي حاصل ڪري وٺي ٿو ۽ ويجهو ٿي سندس تجزيو ڪري ٿو تہ ڪيس معلوم ٿي وڃي ٿو تہ هي تہ اها شيءِ ناهي جنهن جي ڳولا جي مون کي جستجو هئي. خوش قسمت اهي انسان آهن جيڪي پنهنجي تڙپ ۾ حقيقي حاصلات تائين پهچي وڃن ٿا.

انٽرنيٽ استعمال ڪندڙ لاءِ خوشخبري: هاڻي ماهوار توحيد ۽ ٻيا ڪتاب هيٺ ڏنل ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهندا. www.hikmatequran.org



سنڌيڪار: احمدالدين شر

# دنيا ۽ آخرت جو اسلامي نظريو

آخرت هڪ اهڙي حقيقت جو نالو آهي، جنهن کان ڪوبہ عقلمند ماڻهو غافل نٿو رهي سگهي. پر ان جو مطلب اهو بہ ناهي تہ ماڻهو دنيا کان ئي بيگانو ٿي وڃي. هيءَ ڳالهہ بلڪل ائين آهي، جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي ايندڙ وقت لاءِ ڪو منصوبو جوڙي ۽ ان جي تياري اڄ کان ئي شروع ڪري ڇڏي. پر اهڙي ماڻهو کي بيوقوف سڏيو ويندو جيڪو پنهنجي ايندڙ وقت جي منصوبي تي عملدر آمد لاءِ پنهنجي موجوده حالتن ۽ ضرورتن کان غافل ۽ بيگانو ٿي وڃي ۽ نتيجي ۾ نہ پنهنجو حال سڌاري سگهي ۽ نہ ئي مستقبل.

دعوت ۽ سکيا جي ميدان ۾ ڪي ماڻهو بيان ڪيل مٿئين حقيقت کي ذهن ۾ ناهن رکندا، جنهن ڪري سڌاري جي بدران بگاڙ پيدا ٿي ويندو آهي. ماڻهو اهو سمجهڻ لڳندا آهن تہ دين، دنيا جو دشمن آهي ۽ هي تہ پاڪائي ۽ قرب الاهي تيستائين حاصل ٿي نہ ٿو سگهي جيستائين مفلسي ۽ سچائي وڪوڙي نہ وڃي. انهن ماڻهن جو وطيرو اهو هوندو آهي جو زندگي جي حقيقتن، مادي قانون ۽ ڪائنات جي اندر الله تعاليٰ جي سنت کان بي خبر رهي ڪري صرف تقدير تي ڀاڙي زندگي کي ڪل حاصلات سمجهندا آهن. اهڙي سوچ جو نتيجو اهو نڪتو جو انساني شعور بگاڙ جو شڪار ٿي ويو ۽ مسلمانن جي اندر اهڙا نسل پيدا ٿي پيا جيڪي نہ دين جي حقيقت کي سمجهي سگهيا ۽ نہ دنيا ۾ ڪو فائدو حاصل ڪري سگهيا. اهڙي طرح مسلمانن جي تباهي ۽ بربادي ۾ ٻين ڪوتاهين سان گڏ دين ۽ دنيا متعلق سمجهہ جي ڪوٽ بہ هڪ وڏو سبب رهيو آهي.

بيشڪ دين ۾ آخرت، بهشت ۽ دوزخ بابت سيئي ڳالهيون وضاحت سان موجود آهن، پر انهن سڀني ڳالهين جو مقصد انسان کي صحيح رستي تي هلائڻ، آخرت جي مقابلي ۾ دنيا کي اوليت ڏيڻ کان روڪڻ ۽ ان کي اڻ ڪٽ ۽ دائمي زندگيءَ جي تياري لاءِ هوشيار ڪرڻ آهي.

دنيا کي سمجهڻ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ، دنيا ۾ لاچاري ۽ بيوسي واري زندگي گهارڻ، پنهنجي زندگيءَ جي مهار ٻين جي هٿ ۾ ڏئي مجبوري ۽ محرومي واري زندگي گذارڻ کي پاڪائي يا تقويٰ جو نالو نٿو ڏئي سگهجي. هن قسم جي سوچ تہ بلڪل ٻاراڻي حرڪت چئبي جنهن سان دين ۽ ان جي بنيادي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ ناقابل تلافي نقصان پهچي ٿو. سوال آهي تہ آخر الله تعاليٰ جي طرفان عطا ڪيل صلاحيتن کان ڪم نہ وٺڻ ۽ بيوسي ۽ لاچاري واري زندگي اپنائڻ سان دين اسلام جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهجي ٿي؟

عالمن جو چوڻ آهي تہ ڪنهن عمل جي درستگي ۽ قبول پوڻ لاءِ سٺي سوچ ۽ ڀلائيءَ وارو طريقو اختيار ڪرڻ ضروري آهي. ڀلائي وارو طريقو اختيار ڪرڻ جو هي مطلب آهي تہ جيڪو عمل ڪيو وڃي سو روايت ۽ شعور جي مطابق هجي. مثال طور جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪائڻ پيئڻ جي بدران ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان چُپ رهڻ جو روزو رکي يا رڪوع ۽ سجدي کان بغير نماز پڙهي

تہ سندس اهو عمل قبول نٿو ٿي سگهي ڇو تہ اهو عمل شريعت جي خلاف آهي. اهڙيءَ طرح اڄوڪي دؤر ۾ ڪير ٽينڪ جو مقابلو لٺ سان يا هن ايٽمي دؤر ۾ گهوڙي تي ويهي جهاد ڪري تہ سندس اهو عمل بہ قابل قبول ناهي، ڇاڪاڻ تہ اهو عمل شعور کان خالي آهي.

مون هڪ نصيحت ڪندڙ کي ٻڌو جيڪو ماڻهن کي سورة التڪاثر جو تفسير ٻڌائيندي دنيا کان لا تعلقي جي لاءِ هدايت ڪري رهيو هو. مون کي خيال ٿيو تہ اسان هن ڳالهہ کي سمجهڻ ۾ ڪيڏي نہ وڏي غلطي ڪري رهيا آهيون. جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ هن سورة ۾ زندگيءَ جي هڪ خراب پاسي جو خبرداريءَ سان نقشو چٽيو ويو آهي. اڄوڪي دؤر ۾ مال ميڙڻ لاءِ هرڪو ڇرين وانگر پيو ڊوڙي ۽ ڊڪي، جنهن ڪري ماڻهو مال ملڪيت جي مناسب استعمال کان بي خبر ٿي ويا آهن ۽ يقيني طور تي هيءَ تمام ئي ڦٽڪار جوڳي ڳالهہ آهي. ڇو تہ مال دولت جي پوڄا ۾ لڳو رهڻ هڪ طرف انسان جي اخلاق ۽ ڪردار کي ڦٽائي ڇڏي ٿو تہ ٻئي طرف کيس سندس ٻين ڪيترين ئي ذميدارين کان بہ غافل ڪري ٿو ڇڏي. مال دولت بابت وري الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ هن طرح بہ حڪم ڏئي ٿو:

وَلَا تُؤْتُوا السُّفَهَاءَ أَمْوَالَكُمُ الَّتِي جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ قِيَامًا وَارْزُقُوهُمْ فِيهَا وَاكْسُوهُمْ وَقُولُوا لَهُمْ قَوْلًا مَعْرُوفًا ﴿النساء: ٥﴾

”اوهان جو مال متاع جنهن کي الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ گذران جو وسيلو بڻايو آهي، سو بي سمجهہ ماڻهن(يعني ننڍي عمروارن نادان ڇوڪرن) جي حوالي نہ ڪري ڇڏيو (جو متان اجايو برباد ڪري ڇڏين) پر هيئن ڪريو جو هنن جي مال مان هنن کي کارايو پيرايو ۽ لٽو ڪپڙو ڏيو ۽ چڱيون ڳالهيون هنن کي سمجهايو.“

مطلب تہ مال دولت حاصل ڪرڻ ۽ ان جي واڌاري لاءِ ڪوشش بہ ضروري آهي، ڇو تہ مؤمن ٻانهو ان (مال ملڪيت) جي ڪري پنهنجي ذميدارين کان بيگانو نٿو ٿئي پر اجان بہ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ان ملڪيت کان مدد حاصل ڪري ٿو. هن آيت جو مقصد بہ آخرت ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي ۽ دنيا کان بيگانو ڪرڻ ناهي. مسڪيني، مفلسي ۽ لاچاري واري زندگي اپنائڻ سان نہ اسلام جي ڪا خدمت ڪري سگهجي ٿي، نہ ڪا ان کي طاقت ملي سگهي ٿي ۽ نہ ئي وري ان جي سکيا يا تدريس ۾ ئي ڪا ترقي حاصل ٿي سگهي ٿي. اهو بہ ضروري آهي تہ مال دولت جي گهٽائي جي ڪري بي ديني، نافرماني، آڪڙ يا وڏائي ۽ ڪنجوسيءَ واري واٽ هلڻ کان پاسو ڪيو وڃي. پر اڃا بہ پلو ائين آهي تہ اهو (مال دولت)، دين جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جو خيال دل ۾ رکي جائز طريقن کي اپنائي ڪمايو وڃي.

حاصل مطلب هي آهي تہ دولت جو پوڄاري ٿي وڃڻ توڙي ڇاٽي ٻجهي تنگدست ۽ لاچار ٿي وڃڻ، اهي ٻئي ڦٽڪار جوڳا عمل آهن ۽ اهڙيءَ روش کان پاسو ڪرڻ ضروري آهي. ڪي ماڻهو مالدار ٿي ڪري الله جا نافرمان ٿي وڃن ٿا ۽ ڪي مفلس ٿي ڪري ذلت واري زندگي گهارڻ تي مجبور ٿين ٿا. پر هڪ مؤمن نہ تہ نافرمان ۽ نہ ئي وري ذليل يا خوار ٿي سگهي. ڪيترا ئي مال ملڪيت وارا الله جا شڪرگذار ۽ ڪيترائي غريب عزت ۽ غيرت واري زندگي گذاريندڙ آهن !

آخر هڪ مسلمان کي ان ڳالهہ مان ڪهڙي هڙ حاصل جو هو دنيا کان لا تعلق ٿي وڃي ۽



ٻيو ڪو اڃي ان تي ڏنڊو ڪوڙي ويهي رهي؟ اهڙي سوچ رهي تہ پوءِ امت جي ترقيءَ جو قافلو ڪيئن اڳتي وڌي سگهندو؟ ڇا حال ٿيندو جڏهن ماڻهن کي سمجهايو وڃي تہ حضرت عثمان ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنه تعاليٰ عنهم جهڙا مالدار، جن پنهنجو سڄو مال ملڪيت اسلام جي لاءِ بخشش (وقف) ڪري ڇڏيو، بهشت ۾ مفلس ۽ لاچار ماڻهن کان گهڻو پوءِ داخل ٿيندا؟

ابن ڪثير پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ حيرت ۾ وجهندڙ اسرائيلي داستان بيان ڪيو آهي. قصو هن طرح آهي تہ ٻن ماڻهن ڪنهن واپار ۾ ڀائيواري ڪئي، جن جي گڏيل موڙي اٺ هزار درهم هئي. انهن ۾ هڪڙو شريف ۽ نيڪ هئو ۽ ٻيو وري ڪمينو ۽ بد ڪردار ماڻهو هو. بد ڪار هڪ هنرمند جڏهن تہ نيڪ ۽ شريف ماڻهو بي هنر هئو جنهن ڪري بد ڪار شخص بيزار ٿي ڀائيچارو ختم ڪري ڇڏيو. (اسان پڇون ٿا تہ مؤمن ٻانهو آخر هنرمند ڇو نہ ٿو ٿئي؟ هوڏانهن حديث ۾ اچي ٿو تہ الله تعاليٰ هنرمند مؤمن کي پسند ڪري ٿو.). خير، ٻئي ڄڻا پنهنجو پنهنجو حصو وٺي الڳ ٿي ويا.

ان کان پوءِ ڇا ٿيو جو بد ڪار ماڻهو پنهنجي حصي مان هڪ هزار دينار سان هڪ گهر خريد ڪيو ۽ نيڪ ماڻهوءَ وري هڪ هزار دينا صدقو ڪري ڇڏيا تہ جيئن کيس بهشت ۾ گهر ملي. (اسان پڇون ٿا تہ آخر هڪ نيڪ انسان کي هن دنيا ۾ پنهنجو گهر ڇو نہ هجي؟) ٻئي هزار مان بدڪار ماڻهو شادي ڪئي ۽ نيڪ ماڻهو ٻيو هزار بہ صدقو ڪيو تہ جيئن کيس بهشت ۾ حور ملي (اسان پڇون ٿا تہ نيڪ ماڻهو دنيا ۾ شادي ڪري پاڻ ۽ هڪ هڪ عورت کي گناهہ کان بچاءَ جو سامان ميسر ڪري ڏيڻ، ۽ پنهنجي زال تي خرچ ڪرڻ سان دنيا ۾ اڻ ڳڻيون نيڪيون ڇو نہ ڪمائي؟) باقي رهيل بہ هزار دينار مان بدڪار ماڻهو هڪ باغ خريد ڪيو (۽ هڪ پر آسائش زندگي گذارڻ لڳو) جڏهن تہ نيڪو ڪار ماڻهو باقي بہ هزار بہ صدقو ڪري ڇڏيا ۽ مفلسي ۽ لاچاري واري زندگي گذارڻ لڳو. اهڙي قسم جي خوش بياني ديني مقصدن ۽ زندگيءَ لاءِ تباهي آڻيندڙ آهي.

مان رڳو اهو ٻڌائڻ ٿو گهران تہ جهڙي طرح الله تعاليٰ جي راهہ ۾ مرڻ جو نالو جهاد آهي اهڙي طرح الله تعاليٰ جي ٻڌايل سڌي واٽ تي زندگي گذارڻ بہ يقيناً جهاد ئي آهي. مال دولت جي ڪمائڻ ۾ ناڪامي جي صورت ۾ دين جي مدد ڪرڻ ۾ بہ ناڪامي پلئہ پوي ٿي. اها هڪ حقيقت آهي تہ خرچ اهو ئي ڪري سگهندو جنهن وٽ ڪجهہ هوندو. اهو ئي سبب آهي جو حديث ۾ اچي ٿو تہ طاقتور مؤمن ڪمزور مؤمن کان ڀلو آهي. قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَلَئِنْ أَذَقْنَا الْإِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ نَزَعْنَاهَا مِنْهُ إِنَّهُ لَيَئُوسٌ كَفُورٌ ﴿٩﴾ وَلَئِنْ أَذَقْنَاهُ نَعْمَاءَ بَعْدَ ضَرَّاءَ مَسَّتْهُ لَيَقُولَنَّ ذَهَبَ السَّيِّئَاتُ عَنِّي إِنَّهُ لَفَرِحٌ فَخُورٌ ﴿١٠﴾ إِلَّا الَّذِينَ صَبَرُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ أُولَٰئِكَ لَهُمْ مَغْفِرَةٌ وَأَجْرٌ كَبِيرٌ ﴿١١﴾ ﴿هود﴾

”۽ جيڪڏهن اسان انسان کي پاڻ وٽان رحمت جو مزو چکايون ٿا ۽ پوءِ وري اها هٽائي ٿا ڇڏيون تہ هو هڪدم مايوس ۽ ناشڪر ٿي وڃي ٿو. ۽ جيڪڏهن کيس ڏک پهچي ٿو، ۽ ان بعد کيس راحت جو مزو ٿا چکايون تہ پوءِ چوي ٿو تہ هاڻي خرابيون مون کان پڇي ويون، حقيقت

هيءَ آهي تہ ان وقت انسان خوشيءَ ۾ پرجي وڃي ٿو ۽ ٻٽاڪون هڻڻ لڳي ٿو. مگر جيڪي ماڻهو صبر ڪن ٿا ۽ نيڪ عمل ڪن ٿا تن جو اهو حال ناهي، انهن لاءِ بخشش آهي ۽ تمام وڏو اجر بہ آهي.“

مٿئين آيت مان چٽيءَ طرح خبر پوي ٿي تہ جڏهن انسان جو حال اهو آهي جو آسودگيءَ وقت وڏائي ڪندڙ ۽ نافرمان، جڏهن تہ سڃائيءَ جي وقت وري نا اميد ۽ دل شڪستو ٿي وڃي ٿو. هئڻ تہ ائين گهرجي تہ ڪيس ثابت قدم رهي پنهنجي ذميدارين کي وسارڻ نہ گهرجي ۽ اها ئي روش هڪ مؤمن جو شان آهي. مؤمن جي سوچ اها ئي هوندي آهي تہ الله تعاليٰ جيڪا ڪيس آسودگي ڏني آهي سا رڳو هن اڪيلي جي لاءِ ناهي، پر ان ۾ انهن ماڻهن جو بہ حصو آهي جيڪي غريب، نادار ۽ پريشان حال آهن.

فَأَمَّا الْإِنسَانُ إِذَا مَا ابْتَلَاهُ رَبُّهُ فَأَكْرَمَهُ وَنَعَّمَهُ فَيَقُولُ رَبِّي أَكْرَمَنِ ﴿١٥﴾ وَأَمَّا إِذَا مَا ابْتَلَاهُ فَقَدَرَ عَلَيْهِ
رِزْقَهُ فَيَقُولُ رَبِّي أَهَانَنِ ﴿١٦﴾ كَلَّا ۖ بَل لَّا تُكْرِمُونَ الْيَتِيمَ ﴿١٧﴾ وَلَا تَحَاضُّونَ عَلَىٰ طَعَامِ الْمِسْكِينِ ﴿١٨﴾ وَتَأْكُلُونَ التُّرَاثَ
أَكْلًا لَّمًّا ﴿١٩﴾ وَتُحِبُّونَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا ﴿٢٠﴾ ﴿الفجر﴾

”انسان کي جڏهن سندس پالڻهار آزمائي ٿو، پوءِ ان کي عزت ڏئي ٿو ۽ نعمت ڏئي ٿو تہ هو چوي ٿو تہ منهنجي پالڻهار مون کي عزت ڏني. ۽ جڏهن ان کي هن طرح آزمائي ٿو جو مٿس سندس روزي تنگ ڪري ٿو تہ چوي ٿو تہ منهنجي پالڻهار مونکي خوار ڪيو. ائين نہ آهي پر اوهين يتيم جي عزت نہ ٿا ڪريو ۽ نہ ڪي هڪ ٻئي کي مسڪينن کي کاڌي ڏيڻ جي رغبت ڏيو ٿا. ۽ مئلن جو مال ميڙي سيڙي کائيءِ ٿا. ۽ مال سان محبت رکو ٿا.“

مطلب تہ آسودگي ۽ مالداري بہ آزمائش ۽ غربت ۽ سڃائي بہ هڪ آزمائش آهي. هيءَ سوچ غلط آهي تہ صرف آسودگي ۾ عزت ۽ آبرو ۽ سڃائي ۾ پريشاني ۽ ذلت آهي. ان ڳالهہ جو دارو مدار تہ نتيجي تي آهي. جيڪو ماڻهو سڃائي جي وقت پاڪائي ۽ قناعت اختيار ڪري ٿو سو الله تعاليٰ وٽ ان ماڻهوءَ کان تمام گهڻو عزت ۽ مرتبي وارو آهي، جيڪو پنهنجي خوشحالي جي ڪري نافرمان آهي. وري جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي الله تعاليٰ مال دولت ڏئي آسودو ڪيو آهي ۽ هو بہ پنهنجي گهر جا دروازا غريبن، مسڪينن ۽ محتاجن لاءِ کولي ڇڏيا آهن ۽ انهن جي پر گهور ۾ پنهنجي مال دولت خرچ ڪري ٿو يا جتي خرچ ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي تہ هو الله جي راهہ ۾ اتي پنتي نٿو هٽي تہ اهڙو ماڻهو بيشڪ پنهنجي امتحان ۾ ڪامياب ۽ ڪاميابي جي ڊوڙ ۾ سوڀارو آهي. حديث جي اندر وٺڻ واري نہ پر ڏيڻ واري هٿ کي ئي فضيلت ڀريو سڏيو ويو آهي.

هاڻي جيڪڏهن ڪو ماڻهو، جنهن کي الله تعاليٰ جهجهي مال ملڪيت سان نوازيو آهي، پوءِ هو ان (الله تعاليٰ) جو حق ادا ڪرڻ وقت جنهن ماڻهوءَ کي ڏئي رهيو آهي، تنهن کي بي آبرو ۽ حقير سمجهي ٿو، تہ اهو ماڻهو دين ۽ دنيا سان لاڳاپي بنسبت تمام ئي غلط سوچ ۾ ڦاٿل آهي. اهو هڪ اهڙي طرز فڪر آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مالدارن جي خلاف ڪدورت ۽ ڪيني جي باهہ ڀڙڪ ڪري اٿي ٿي. ڪفر ۽ بي ديني جي رئي اڏامڻ لڳي ٿي ۽ پوءِ پوري انسانيت جو آئيندو داءَ تي لڳي وڃي ٿو. ڇا ڪميونزم بہ اهڙي ئي ماحول ۾ نہ اسريو ۽ پکڙيو هو؟

(علامہ محمد غزالي جي ڪتاب: ”اسلام کے بارے میں 100 سوال“ تان ورتل)



# حڪمت قرآن انسٽيٽوٽ جون سرگرميون

- انسٽيٽيوٽ جي طرفان توحيد جي دعوت، قرآن حڪيم جي تعليمات ۽ مختلف ديني موضوعن تي ڇپايل ڪتابڙن ۽ پمفليٽن جو هڪ پاڪيٽ ٺاهي اسلام آباد ۾ مقيم سنڌين جي ايڊريسن تي سندن گهرن ڏانهن موڪليو ويو.
- انسٽيٽيوٽ جو ماهوار ليڪچر حڪمت قرآن 5 ڊسمبر 2010ع ۽ 2 جنوري 2011ع تي 12 وڳي ٿيو.
- نومبر 2010ع کان رات جو ماهوار مجلس حڪمت قرآن جو آغاز ڪيو ويو. ان سلسلي جو پهريون پروگرام 6 نومبر تي 30: 6 وڳي شام جو شروع ٿيو ۽ رات جو 1:30 تائين جاري رهيو. مجلس جو عنوان هو ”تعمير شخصيت قرآن جي روشني ۾“ حڪيم الاسلام مولانا محمد سليمان طاهر، مولانا محمد انس راڄپر، جناب نوراحمد ميمڻ ۽ مولانا عبداللطيف نانگراج جا بيان ٿيا. مجلس ۾ ڪراچي شهر جي ساٿين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. مجلس جو ٻيو پروگرام 25 ڊسمبر تي 6:30 کان رات جو 1:30 تائين جاري رهيو ۽ مٿين صاحبن سان گڏ پروفيسر فاروق عزيز ”قرآن جو مطلوب انسان“ جي موضوع تي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ بعد ۾ سڀني شرڪاءَ بہ سوالن جوابن جي ذريعي ڀرپور شرڪت ڪئي.
- حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي پاران ”حڪمت قرآن ڪورس“ جو ٽيون ڪتاب ”تفسيرالفرقان“ خواجہ عبدالحي فاروقي ڇپجي پڌرو ٿيو، جيڪو فاصلاتي ڪورسن جي شاگردن کي روانو ڪيو ويو.
- حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر نوراحمد ميمڻ، ڊائريڪٽر تعليمات حڪيم الاسلام مولانا محمد سليمان طاهر، حڪيم الاسلام مولانا محمد انس راڄپر، سنڌ جي معروف شاعر سجاد ميراڻي، جناب محمد نثار ۽ جناب محمد جاويد سعيد تي مشتمل وفد 26 نومبر 2010ع کان سنڌ جو دورو ڪيو، جنهن جو مقصد حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي مقصدن هيٺ توحيد جي دعوت ۽ قرآن حڪيم جي ترجمن سان پڙهڻ جي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ هو. 26 نومبر تي وفد پير جهنڊي ۾ پير سيد عبادالله راشدي ۽ محترم قاضي شوڪت سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ پير صاحب جن پير جهنڊي جي تعليمي مرڪز کي وري جيارڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ۽ ان مسئلي تي تفصيلي ويچار ٿيو. رات جو دير تائين پير صاحب جن امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي جي پير جهنڊي ۾ گذاريل ڏينهن جون يادگيريون پڻ تازيون ڪيون. 27 نومبر تي صبح جو 11 وڳي شاهپورچاڪر ۾ مجلس حڪمت قرآن منعقد ٿي، جنهن ۾ ضلعي سانگهڙ جي فاصلاتي ڪورس ڪندڙ شاگردن، شاهپورچاڪر جي اهلم علم، عالمن ۽ شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. جناب ابو مصعب عباسي ۽ جناب عبدالقيوم مجاهد رخشاڻي ميزباني سرانجام ڏني. 5 وڳي شام جو ڪنڊيارو ۾ محترم محمد عثمان عباسي اتان جي استادن، اديبن، شاگردن ۽ ٻين اهل علم جي گڏجاڻي ڪرائي، جنهن ۾ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي مقصدن ۽ سنڌ ۾ قرآن حڪيم جي ترجمن سان پڙهائڻ واري هلچل جي موضوع تي تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ٿي. رات جو محترم مولانا عبدالمومن جي ميزباني ۾ هنگورجا جي احباب سان ملاقات ٿي. 28 نومبر تي 2 وڳي منجهند آئل فيلڊ خانپور ۾ محترم امان الله ڦوڙ جي ميزباني ۾ احباب سان ملاقات ٿي. 5 وڳي غوثپور ۾ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ ۽ فاصلاتي ڪورس پڙهندڙ شاگردن ۽ اهل علم حضرات جو پروگرام ٿيو، جنهن ۾ قرآن جي دعوت کي وسيع ڪرڻ جي حوالي سان بيان ٿيا. رات 8 وڳي ڪنڌڪوٽ ۾ جناب عبدالحڪيم ٻجاراڻي ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پروفيسر محترم عبدالخالق سهرياڻي ۽ جناب حڪيم شفيع محمد جي ميزبانيءَ ۾ سنڌ اندر تبديلي جي محرڪن تي ڪنڌڪوٽ جي اهل علم حضرات سان ليڪچر پروگرام ٿيو.

*(رپورٽ: احمد الدين شر بلوچ)*